روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
سکر

(جلد پهريون) اربع 21 ڊسمبر 2022ع بمطابق 26 جمادي الاول 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 208

سپائي پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ نہ ورتو تہ اهو وڏو وزير نہ رهندو: راڻا ثناءُالله

پرويز الاهي پاڻ چوندو آهي تہ اسيمبليون ٽوڙڻ جي حق ۾ نہ آهيان، 99 سيڪڙو ميمبر چاهين ٿا تہ اسيمبليون نہ ٽوڙيون وڃن

جيڪڏهن پوءِ بہ بي اعتمادي رٽ آئي تہ ڇا ٿيندو، جيڪڏهن هو چاهي ٿو تہ اسيمبليون نہ ٽٽڻ گهرجن تہ پوءِ ڇو اسيمبليون ٽوڙيون پيون وڃن

هڪ چريو ۽ بيوقوف ماڻهو تحريڪ انصاف ۽ پنجاب کي حادثي جو شڪار ڪري رهيو آهي قوم ۽ ادارن ۽ اتفاق تي ويو آهي تہ هن جهڙي ماڻهو کي روڪيو وڃي

پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر جو اجلاس نہ گهرائڻ بابت موقف غلط آهي ۽ اهو آئين جي خلاف آهي، گورنر اسيمبلي جو اجلاس سڏي سگهي ٿو

پرويز الاهي کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ گهرجي، جيڪڏهن پرويز الاهي سپائي اعتماد جو ووٽ نہ وٺي ٿو تہ پوءِ گورنر نئين وڏي وزير جي چونڊ جو اعلان ڪري سگهي ٿو

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اسان ختم نہ پر ملتوي ڪيو آهي، هلندڙ اجلاس ۾ پنجاب جي گورنر کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو چئي سگهون

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي تہ سپائي پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ نہ ورتو تہ اهو وڏو وزير نہ رهندو. پرويز الاهي پاڻ چوندو آهي تہ اسيمبليون ٽوڙڻ جي حق ۾ نہ آهيان، 99 سيڪڙو ميمبر چاهين ٿا تہ اسيمبليون نہ ٽوڙيون وڃن. جيڪڏهن پوءِ بہ بي اعتمادي رٽ آئي تہ ڇا ٿيندو. هڪ چريو ۽ بيوقوف ماڻهو تحريڪ انصاف ۽ پنجاب کي حادثي جو شڪار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

بجلي بحران: بازارن ۽ هوٽلن 8 وڳي، شادي هال 10 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو

ڪفايت شعاري جي پاليسي ڏني پئي وڃي، ان سلسلي ۾ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن ۾ سيڪريٽري پاور، دفاع واري وزير سميت 10 بيا وزير بہ شامل آهن: خواجا آصف، قمر الزمان ڪائره ۽ مريم اورنگزيب

سرڪاري ادارن ۾ 20 سيڪڙو ماڻهو گهر ويهي ڪم ڪندا تہ 58 ارب روپين جي بچت ٿيندي، شادي هالن جو وقت رات 10 وڳي تائين هوندو جڏهن تہ هوٽلون ۽ مارڪيٽون رات 9 وڳي کان بند ڪيون وينديون

پراڻا پکا 120 کان 130 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن جڏهن تہ نوان پکا تقريبن 40 کان 60 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن ان پکن جي استعمال سان 15 ارب روپين جي بچت ٿي سگهي ٿي

ايل اي ڊي بل جي استعمال سان 23 ارب روپين جي بچت ٿيندي. گهرن ۾ پکا ۽ ايئرڪنڊيشنڊ جي استعمال ۾ بچت سان 8 کان 9 هزار ميگاواٽ بجلي بچائي سگهجي ٿي

گيس فراهم ڪندڙ ڪمپنيون گيزر جي لاءِ بچت جا اوزار ڏينديون جنهن سان 92 ارب روپين جي سالياني بچت ٿيندي، متبادل اسٽريٽ لائٽس پارٽ سان 4 ارب روپين جي بچت ٿيندي اي بائيڪس متعارف ڪرائي پئي وڃي

اي بائيڪس اچڻ سان 86 ارب روپين جي بچت ٿيندي، محدود وقت اندر اهي موٽرسائيڪلون مارڪيٽ ۾ اچي وينديون، امپورٽ شروع ٿي چڪي آهي، موٽر سائيڪل ڪمپنين سان ان حوالي سان ڳالهيون جاري آهن

اسلام آباد (م د) حڪومت بجلي جي بچت لاءِ مختلف قدم کڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جنهن موجب بازارون ۽ هوٽلون 8 وڳي جڏهن تہ شادي هال 10 وڳي بند ڪرڻ کان علاوه ... آهن. پاليسي ڏني پئي وڃي ان سلسلي ۾ ڪميٽي جوڙي وئي ... ڪائره ۽ مريم اورنگزيب سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وفاقي وزير خواجا آصف، قمر الزمان ڪائره ۽ مريم اورنگزيب پريس ڪانفرنس ڪندي

مودي بابت تلخ سچ ورجايو، بي جي پي منهنجي سر جي قيمت 2 ڪروڙ رپيا رکي: بلاول

بي جي پي اڳواڻ سندس مٿي جي قيمت 2 ڪروڙ رپيا رکي آهي، پارٽي وزيراعظم بابت تاريخي حقيقت ورجائي وئي آهي

بي جي پي اڳواڻ سندس مٿي جي قيمت 2 ڪروڙ رپيا رکي آهي، شرمناڪ عمل اتر پرديش جي بي جي پي اڳواڻ منوپال بنسل ڪيو

نيويارڪ (م د) پرڏيهي وزير ۽ بلاول ڀٽو زرداري ... 2 ڪروڙ رپيا رکيا ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن مڪمل، سمورا دهشتگرد مارجي ويا

سي ٽي ڊي ڪمپائونڊ ۾ اهلڪارن کي يرغمال بڻائڻ، ڳالهين جي ناڪامي کانپوءِ ڌماڪي ۽ فائرنگ جا آواز

بنون ڪنٽونمينٽ ۾ ڳالهيون جاري آهن ۽ حڪومت ڪوشش ڪري رهي آهي تہ هٿيار ڦٽا ڪن: بيرسٽر سيف

ڳالهيون ناڪام ٿيڻ بعد سيڪيورٽي فورسز طرفان آپريشن ڪيو ويو، آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز جا 3 اهلڪار زخمي ٿي پيا

... سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن مڪمل ڪري سمورا دهشتگرد مارجي ويا ... اهلڪارن کي يرغمال بڻائڻ ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاه سان برطانيا جي ڊپٽي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

گهرو وزارت جو حڪم غيرقانوني قرار، اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون 31 ڊسمبر تي ٿينديون: اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن بابت گهرو وزارت جو حڪم غيرقانوني قرار ڏيندي ... 31 ڊسمبر تي ٿينديون ... اليڪشن ڪميشن گهرو وزارت جو ... نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پي ٽي آءِ اسيمبلي ميمبرن استعيفائن جي تصديق لاءِ اسپيڪر سامهون پيش ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

پي ٽي آءِ جا 123 قومي اسيمبلي ميمبر خميس تي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي سامهون استعيفائن جي تصديق ڪندا: ذريعا

اسيمبلي ميمبر اجتماعي طور تي شاه محمود قريشي جي سربراهي ۾ پارليامينٽ ۽ ايندا ۽ ان جي قيادت ۾ اسپيڪر جي سامهون پيش ٿيندا

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف بہ پي ٽي آءِ سينيٽر فراز طرفان استعيفائن منظور ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف ... پي ٽي آءِ جي 123 قومي اسيمبلي ميمبرن خميس ... استعيفائن جي تصديق ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ورلڊ بينڪ پاڪستان لاءِ 1.6 بلين ڊالر کان وڌيڪ جي فنانسنگ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) ورلڊ بينڪ پاڪستان لاءِ 1.6 بلين ڊالر کان وڌيڪ جي فنانسنگ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. عالمي بئنڪ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرن جي اجلاس ۾ پاڪستان جي مالي مدد لاءِ 1.692 بلين ڊالرز جي منظوري ڏني وئي. اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سانگهڙ ۾ تيل ۽ گيس جو نئون ذخيرو ملي ويو

آئل اينڊ گيس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ سنڌ جي علائقي سانگهڙ ۾ تيل ۽ گئس جا نوان ذخيرا دريافت ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي

ڪمپني 26 جون تي کان وڌ جي کوٽائي لاءِ ڊرلنگ جو ڪم شروع ڪيو جنهن لاءِ 3400 ميٽر کوٽائي ڪئي وئي: او جي ڊي سي ايل

ڊرل اسٽيم ٽيسٽ جي نتيجن موجب، کوه روزانو 2,000 بيرل تيل ۽ 1.30 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس پيداوار ڏيندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آئل اينڊ گيس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي ايل) سنڌ جي علائقي سانگهڙ ۾ تيل ۽ گئس جا نوان ذخيرا دريافت ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج (پي ايس ايڪس) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

طالبان پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگرد تنظيمن کي روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن: انتونيو گوتريس

طالبان پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگرد تنظيمن کي روڪين ۽ پاڪستان سميت خطي ۾ ٻين ملڪن خلاف دهشتگرد سرگرمين جي اجازت نہ ڏين

افغان سرڪار ۾ سمورن نسلي گروپن جي شموليت ضروري آهي، پاڪستان جي حمايت لاءِ عالمي برادري کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون، پاڪستان ۾ ٻوڏ

منهنجي پنهنجي ملڪ کان ٽي ڀيرا وڌيڪ علائقو ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏل آهي، اتي ٻوڏ سبب فصل، ڍور، گهرن کي جاني ۽ مالي نقصان رسيو آهي

نيويارڪ (م د) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس چيو آهي تہ طالبان پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگرد تنظيمن کي روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. نيويارڪ ۾ پريس بريفنگ دوران انتونيو گوتريس چيو تہ اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ کان روڪڻ لاءِ داخل درخواست رد

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ واري درخواست کي رد ڪري ڇڏيو. جسٽس شاهد ڪريم سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ جي شهري پاران پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ کان روڪڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، هن درخواستگذار جي وڪيل کان پڇيو تہ هي ڪهڙي قسم جي درخواست آهي؟ جواب ۾ درخواستگذار جي وڪيل چيو تہ پنجاب اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي سان سيز پاڪستانيز ڪميشن پنجاب مخدوم سيد طارق محمود الحسن ملاقات ڪري رهيو آهي

آصف زرداري جا رابطا تيز: پنجاب جي وڏ وزارت پ پ کي ملڻ جو امڪان

چوڌري شجاعت حسين سان ملاقات کان پوءِ پ پ کي ڪجهہ آسرو مليو آهي جنهن کان پوءِ اپوزيشن طرفان پنجاب جي وڏ وزارت پ پ کي ملڻ جو امڪان آهي

اتفاق راءِ جي صورت ۾ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جا اميدوار (ن) ليگ جا هوندا، آصف علي زرداري لاهور ۾ پيپلز پارٽي کي وڏ وزارت ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) طرفان پنجاب جي وڏ وزارت پ پ کي ڏيڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب گڏيل ڏينهن پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي، پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان ۽ ڊپٽي اسپيڪر واثق قيوم خلاف بي اعتماد رٽ جمع ٿيڻ کان پوءِ آصف زرداري، چوڌري شجاعت حسين ۽ مسلم ليگ (ن) وچ ۾ رابطا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

حڪومت صحت ڪارڊ جي فنڊنگ نہ ڪري مسئلا پيدا ڪري رهي آهي: عمران خان

موجوده حڪومت صحت ڪارڊ جي فنڊنگ نہ پئي ڪري، جنهن سان مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن: پي ٽي آءِ چيئرمين

موجوده حڪومت ان کي رڳو ان ڪري نظرانداز نہ ڪري تہ اهو پي ٽي آءِ جو ڪارنامو آهي: اڳوڻو وزيراعظم

موجوده حڪومت صحت ڪارڊ جي فنڊنگ نہ پئي ڪري، جنهن سان مسئلا جنم وٺي رهيا آهن

مياڻوالي (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي تہ موجوده حڪومت صحت ڪارڊ جي فنڊنگ نہ پئي ڪري، جنهن سان مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. مدر اينڊ چائلڊ هاسپيٽل مياڻوالي جي افتتاح کانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي عمران خان چيو تہ هيلٿ انشورنس صحت ڪارڊ اسان جي حڪومت جو بهترين قدم هو هن چيو تہ موجوده حڪومت ان کي رڳو ان ڪري نظرانداز نہ ڪري تہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي

آءِ ايم ايف پروگرام جي بحالي لاءِ ڪوششون، پاڪستان پاران نظرثاني جي درخواست

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان آءِ ايم ايف پروگرام کي بحال ڪرڻ لاءِ هڪ ٻي ڪوشش ڪئي آهي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب پرڏيهي وزارت کي آءِ ايم ايف پروگرام جي بحالي جي مقصد لاءِ عالمي سياسي لاڳاپن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. پاڪستان جو موقف آهي تہ آءِ ايم ايف کي ٻوڏ ۽ ٻين سببن تي معاهدي جي شرطن تي نظرثاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

آصف زرداري جي چوڌري شجاعت سان ٻيهر ملاقات، اهم معاملي تي اتفاق ٿي ويو

ملاقات ۾ اعتماد جي ووٽ ۽ بي اعتمادي رٽ تي حتمي مشاورت ڪئي وئي، تمام جلد پنجاب جو وڏو وزير اسان جو هوندو

چوڌري شجاعت حسين پنهنجو وزن پ پ جي پاسي رکيو آهي، جنهن ڪانپوءِ اپوزيشن طرفان وڏ وزارت پ پ کي ڏيڻ جو امڪان آهي

آصف زرداري پ پ کي وڏ وزارت ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي ۽ هن پنهنجي اميدوار جي حق ۾ جوڙ توڙ لاءِ سياسي شخصيتن سان رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن

لاهور (م د) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ق ليگ سربراهه چوڌري شجاعت حسين سان ٻيهر اهم ملاقات ڪئي آهي، ملاقات ۾ اعتماد جي ووٽ ۽ بي اعتمادي رٽ تي حتمي مشاورت ڪئي وئي. اڳواڻن اتفاق ڪيو تہ تمام جلد پنجاب جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

واشنگٽن: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاڪستاني بزنس ڪميونٽي سان ملاقات ڪندي

نااهلي ڪيس، عمران خان جي وڪيل کي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي مهلت

عمران خان جي مبينا ڌيءُ ٽيريان ڪيس جو فيصلو ٿي چڪو آهي: عمران خان جي وڪيل جو عدالت ۾ بيان

عدالت کي ٻڌايو تہ اهو معاملو اسان وٽ اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا اچي چڪو آهي: چيف جسٽس عامر فاروق

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي وڪيل کي نااهلي ڪيس ۾ لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪوئيٽا ۾ حوالہ هنڊي ۾ ملوث دڪان سيل: ڪروڙين رپيا هٿ، ايف آءِ اي ٽيم يرغمال

ايف آءِ اي ڪوئيٽا ۾ مني ايڪسچينج سينٽر ۾ حوالہ هنڊي ۾ ملوث دڪانن کي سيل ڪري ڇڏيو

واپارين ايف آءِ اي جي ڪارروائي خلاف شاهراه اقبال تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي

ڪوئيٽا (م د) ايف آءِ اي ڪوئيٽا ۾ مني ايڪسچينج سينٽر ۾ حوالہ هنڊي ۾ ملوث دڪانن کي سيل ڪري ڇڏيو ايف آءِ اي جي ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عالمي بئنڪ جو سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ 1.69 ارب ڊالرن جي 5 منصوبن جو اعلان

جا ڏنل منظوري ورلڊ بئنڪ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي اجلاس ۾ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي مالي مدد لاءِ ڏني وئي

سنڌ ۾ ٻوڏ سان وڏو نقصان پهتو، ٻوڏ متاثرن علائقن جي متاثرن جي مدد لاءِ 5 منصوبن لاءِ فنڊ ملندا: عالمي بئنڪ

ڪراچي (م د) عالمي بئنڪ سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ هڪ ارب 69 ڪروڙ ڊالرن جي 5 منصوبن جي منظوري ڏئي ڇڏي، عالمي بئنڪ جي بورڊ آف ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز ٻوڏ متاثرن جي بحالي، گهرن جي نئين سر تعمير ۽ فيصلن جي پيداوار جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: ڊاڪيلن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل اظهر مسعود جي جنازه نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ڪامران ٽيسوري فائرنگ ۾ مارجي ويل اظهر مسعود جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي

جنازي نماز بعد سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري ڪورنگي پوليس اسٽيشن نمبر 4 عوامي ڪالوني پهچي ويو

3 کان 4 ڏينهن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو، اميد تہ ڪيس جلد گرفتار ڪري ارهان جي آڊر پيش ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري ڪورنگي ۾ ڊاڪيلن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل اظهر مسعود جي جنازي نماز ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سون جو اگهہ آسمان تي پهچي ويو، هزارين رپيا واڌ

اڄ في تولي سون جي قيمت ۾ 3 هزار 900 رپيا واڌ ٿي: آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن

اڏهي ريٽ 10 گرام سون 3 هزار 344 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ لک 53 هزار 292 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي اگهہ ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي ۽ اڄ به سون هزارين رپيا مهانگو ٿيو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسٽريٽ ڪرائمز جو سبب غربت آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ پوليس ڪارروائي ۾ آهي ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي جوابدارن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي

سنڌ حڪومت شاهدن جي تحفظ جو بل متعارف ڪرايو آهي جنهن تحت شاهدن کي تحفظ ڏنو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي تہ اسٽريٽ ڪرائمز جو سبب غربت آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: سائيٽ ايريا ۾ ڊسپينسري کي منشيات جي عشرت لاءِ بحالي مرڪز ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي

ڊسپينسري جو عملو، ٻئي ڊاڪٽر ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف صرف پنهنجي روزاني حاضري جي نشاندهي لاءِ موجود هوندا

صحت جي سهولت ۾ صرف هڪ ڪمرو استعمال لائق هو ۽ اهو بہ صرف سرڪاري دستاويزن تي مشتمل هو: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي سائيٽ ايريا ۾ نظرانداز ڪيل ڊسپينسري کي منشيات جي عشرت لاءِ بحالي مرڪز ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. صحت جي سهولتن جي اُٻهري حالت کي اجاگر ڪيو پيو وڃي، سائيٽ ايريا جي گنجان آبادي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سان مسلم ليگ ق جو سربراهه چوڌري شجاعت حسين ملاقات ڪندي

ريلوي جي سرڪاري رهائشگاهن مان اضافي عملي کي واپس گهرائڻ جو حڪم

اهم شعبن ۾ عملي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ عملي کي مقرر ڪيو وڃي: ريلوي وارو وفاقي وزير خواجا سعد رفيق

اسٽيشنن جي پليٽ فارمن کي ضرورت موجب اپ گريڊ ڪيو وڃي، بئنڪن ۾ غير استعمال ٿيل 10 ڪروڙ رپيا ريلوي کي واپس اچي ويا آهن

ايم ايل ون جي ترجيحي پيڪيجز تي ڪم شروع ڪيو وڃي، ريلوي کي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڊپارٽمينٽل ڊسپلن تي عمل ڪيو وڃي

لاهور (م د) ريلوي واري وزير خواجا سعد رفيق ريلوي انتظاميه کي سرڪاري رهائشگاهن مان اضافي اسٽاف واپس گهرائڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي تہ اهم شعبن ۾ عملي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ عملي کي مقرر ڪيو وڃي. ريلوي واري وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سمورا پروجيڪٽس وقت تي مڪمل ٿيڻ گهرجن: شرجيل انعام ميمڻ

جيئن انهن جي لاڳت ۾ اضافو نہ اچي، لاڳت ۾ اضافي جو بار حڪومت جي خزاني تي پوي ٿو: صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ ۽ چيئرمين ٽرانس

يونيورسٽي روڊ تي عوام کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، بي آر ٽي ريڊ لائن جي بس ڊيپو جي تعمير لاءِ زمين جو ڪنٽرول ٽرانس ڪراچي جي حوالي ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ ۽ چيئرمين ٽرانس ڪراچي شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سمورا پروجيڪٽس وقت تي مڪمل ٿيڻ گهرجن، تہ جيئن انهن جي لاڳت ۾ اضافو نہ اچي، لاڳت ۾ اضافي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سنڌ ۾ 27 ڊسمبر تي عام موڪل جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت 27 ڊسمبر تي سڄي صوبي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ حڪومت محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي جي سلسلي ۾ 27 ڊسمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ايڊيشنل سيڪريٽري ڪم نٿو ڪري سگهجي تہ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي: سنڌ هاءِ ڪورٽ

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي جي سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي عمل ڪري بااختيار مڪاني نظام بابت داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي

جيڪڏهن ڪم نٿا ڪري سگهو تہ استعيفيٰ ڏئي گهر هليا وڃو، ايڊيشنل سيڪريٽري جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت طلب ڪئي: جسٽس ڪي ڪي آغا

هاڻي ڪا بہ مهلت نہ ملندي، توهان ۽ توهان جي سيڪريٽري خلاف ڪارروائي ڪنداسين، عدالت مڪاني کاتي واري سيڪريٽري کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ڪي ڪي آغا ايڊيشنل سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو آهي ڪم نٿا ڪري سگهو تہ استعيفيٰ ڏئي ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي جي سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دانيا شاهہ ضمانت جي منتظر، عدالت نئين تاريخ ڏئي ڇڏي

ڪراچي (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

دهشتگردي عدالت ۾ نائيجيرين جي شهرين جي اغوا واري ڪيس ايس ايڇ او ڊيفنس سميت 8 جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي عدالت ۾ نائيجيرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ جي 18 تعلقن ۾ استادن جون سيٽس موجود آهن پر اميدوار ناهن: سردار شاهہ

سنڌ ۾ 65 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر هجڻ واري رپورٽ غلط آهي، هن وقت بہ 4 هزار کان وڌيڪ اسڪول بنا عمارتن جي هلن پيا

عالمي بئنڪ جي سروي موجب اسڪولن جي مرمت لاءِ 139 ارب رپيا گهربل آهن، نصاب ۾ سڌارا آڻي نوان سبجيڪٽس متعارف ڪيا آهن

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو استادن جي رڪارڊ ڀرتي آهي، اجا بہ 18 تعلقا اهڙا آهن جتي سيٽون موجود آهن پر اميدوار ناهن: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم واري وزير سردار شاهہ چيو آهي تہ سنڌ ۾ 65 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر هجڻ واري رپورٽ غلط آهي، هن وقت بہ 4 هزار کان وڌيڪ اسڪول بنا عمارتن جي هلن پيا صوبائي وزير چيو تہ عالمي بئنڪ جي سروي موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ جي گورنر سان سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ملاقات ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان سان سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر عمران منيار گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ شهرين کي گيس جي اڻٽٽ فراهمي، گيس پريشر کي يقيني بڻائڻ ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، سنڌ جي گورنر سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ جي ڪارڪردگيءَ تي ناراضگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: سنڌ جي تعليم وارو وزير سردار شاهہ سنڌ اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي

نوشهروفيروز جي نوجوان صحافي ايس ايس ميڊيا گروپ پاران احتجاجي مظاهرو

فيسبوڪ تي فيڪ آئي ڊي ٺاهي بليڪ ميل ڪندڙ عطائي ماسٽر خلاف احتجاج ڪيو ويو

نوشهروفيروز صدر راڻا عبدالجبار راجپوت جي اڳواڻي ۾ سموري ٽيم احتجاجي ريلي ڪڍي

عطائي ماسٽر خلاف قانوني ڪاروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: مظاهرين

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز جي نوجوان صحافي ايس ايس ميڊيا گروپ جي ڊسٽرڪٽ رپورٽر سنڌ پريس ڪلب نوشهروفيروز جي سنئير نائب صدر محمد عادل عباسي خلاف سوشل ميڊيا تي ۽ فيسبوڪ تي فيڪ آئي ڊي ٺاهي بليڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: نوجوان صحافي ايس ايس ميڊيا گروپ اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

روهڙي ويجهو ڊبر ٽائي جي حد ۾ پنجاب کان ڪراچي ويندڙ بس مسافرن تي فائرنگ

سکر (رپورٽر) روهڙي ويجهو ڊبر ٽائي جي حد ۾ پنجاب کان ڪراچي ويندڙ بس مسافر ڪوچ مان نامعلوم هٿيار بندن پاران مسافرن کان لڪين ريين جي قرموٽروي پوليس پهچڻ تي هٿيار بند فائرنگ ڪري فرار. واقعي جو ڊبر ٽائي تي ڪيس داخل پوليس پاران جاچ شروع .ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب روهڙي ويجهو ڊبر ٽائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سهراب ٽائون جي لاسي ڳوٺ سميت ٻين وسندين ۾ گيس جي بندش خلاف احتجاج

جماعت اسلامي ڪارڪنن سوئي گيس ڪمپني جي زونل آفس آڏو احتجاجي مظاهرو ڏرڻو هنيو

احتجاج ۾ ضلع شمالي جي امير محمديوسف ۽ناظم سهراب ڳوٺ ٽائون جي خصوصي شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ) سهراب ٽائون جي لاسي ڳوٺ سميت ٻين وسندين ۾ گيس جي بندش جي خلاف جماعت اسلامي يوسي 3 يوسي 4 سهراب ڳوٺ ٽائون جي طرفان سوئي گيس ڪمپني جي زونل آفس آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ علائقي واسين سميت ضلع شمالي جي اميرمحترم محمديوسف ۽ناظم سهراب ڳوٺ ٽائون جي خصوصي شرڪت ڪئي.ان موقعي تي زونل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين جي يونين ڪائونسلن جون نادرا واريون بند پيل آفيسون بحال ڪرائڻ لاءِ احتجاج

آفيسون بحال ڪرائڻ لاءِ قومي عوامي تحريڪ جو ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو

قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن جو ضلعي اڳواڻ حسين درس، نياز چانڊيو ۽ پورو ڪولهي پاران ريلي

ڪريشن ۽ نااهلي جي ڪري ڪيتري وقت کان نادرا جون آفيون بند پيون آهن: اڳواڻن جون ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊوباگو (رپورٽ:سهيل سمون) بدين ضلعي جي يونين ڪائونسلن جون نادرا واريون بند پيل آفيون بحال ڪرائڻ لاءِ قومي عوامي تحريڪ جو ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي.خبر موجب بدين ضلعي جي يونين ڪائونسلن جون نادرا واريون بند پيل آفيون بحال ڪرائڻ لاءِ قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

آغا شاهنواز خان جي والد ايڊووڪيٽ آغا ياسين خان بابر جي وفات تي تعزيت هلندڙ آهي

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي والد ايڊووڪيٽ آغا ياسين خان بابر جي وفات تي ڊي سي هائوس بدين تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي تعزيت ڪندڙن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر عبدالغفار ڪوسو انفارميشن آفيسر سرفراز سمون اين استاب آفيسر ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي ڊاڪٽر هارون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: يونين ڪائونسلن جون نادرا واريون بند پيل آفيون بحال ڪرائڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ناروشاه ٿئون تڪ ڪيڊر مڊل اسڪول ۾ حشو ڪيولراماڻي جو 108 هون جنم ڏهاڙو ملهايو ويو

پرياسٽي جي چيڪي مٽي مان جنم وٺندڙ حشو ڪيولراماڻي جي سالگره جي موقعي تي خراج پيش

سائين حشو ڪيولراماڻي جنهن پنهنجي ذات، فڪر، فهم وسيلي، سنڌ جي لئي لکيو: خالد حسين

حشو ڪيولراماڻي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجي ملڻ واري ڏينهن تي اسيمبلي ٻاهران مانائي ورهائي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ناروشاه ٿئون تڪ ڪيڊر مڊل اسڪول ۾ ماسٽر چندر يادگار ڪميٽي پاران قومي سوچ ڏيندڙ دانشور اديب ساهتي پرڳڻي جي تاريخي شهر پرياسٽي جي چيڪي مٽي مان جنم وٺندڙ حشو جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ماسٽر چندر يادگار ڪميٽي جي سرواڻ علي شير ڪيريو ڪيولراماڻي جو 108 هون جنم ڏهاڙو ملهايو ويو سنڌي ادبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٻنا ڪنهن رنگ نسل ٻنا ڪنهن ذات پات جي ترجيح ڏيڻ اصولن ۾ شامل آهي: نورحسن جوکيو

دنبہ ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي سيوريج سسٽم ڪي نئين سري تعميرات جاري آهي

ڳوٺن ۾ اسڪيمون مليرآهن جنهن جو ترقياتي ڪم جاري آهن ڪمن جي نگراني پاڻ ڪري رهيا آهيون

انجنيئر مظهر شاه ايڪسين اشفاق ٻرڙو فدا حسين جوکيو ڪي بي جوکيو ۽ ٻيا علائقي جا معزز پڻ موجود هيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪونسل ڪراچي نورحسن جوکيو دنبہ ڳوٺ ڪيمپ آفيس ۾ علائقي جي رهواسين سان ملاقات ڪئي علائقي جي ترقياتي ڪمن جي باري ۾ ڳالهه ٻول ڪئي ويئي ان موقعي تي آفيسرن ۽ انجنيئرن کي بريفنگ ڏني ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ سکر کان حيدرآباد تائين نيشنل هاءِ وي جي خراب

سکر (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ سکر کان حيدرآباد تائين نيشنل هاءِ وي جي خراب صورتحال متعلق داخل پٽيشن جي ٻڌڻي چيئرمين نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ۽ ميمبر سنڌ زون عدالت ۾ پيش برسات سبب سکر کان مورو تائين 120 ڪلو ميٽر نيشنل هاءِ وي متاثر ٿيو آهي. چيئرمين اين ايڇ اي اپريل 2023 ع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي: نورحسن جوکيو دنبہ ڳوٺ ڪيمپ آفيس ۾ علائقي جي رهواسين سان ملاقات ڪندي

شڪارپور پوليس جي تاريخي ڪاميابي، دهشت جي علامت بٽيل 12 ڌاڙيل گرفتار

دهشت جي علامت بٽيل انعام يافتا 4 روپوش ڌاڙيلن سميت 12 ڌاڙيل گرفتار ڪيا ويا

مختلف ڪاروايون ڪري 30 لک انعام يافتا آغا بدرالدين ولد حبيب الله ڌاڙيل ۽ ٻيا گرفتار ڪيا ويا

پوليس 5 لک انعام يافتا امداد ولد علي مراد ڌاڙيل سميت 8 اشتهارين کي گرفتار ڪري ورتو آهي: ذريعا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس پاران انعام يافتا 4 روپوش ڌاڙيلن سميت 12 ڌاڙيل گرفتار ڪرڻ جي دعوي خبر موجب: ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي جي اڳواڻي ۾ شڪارپور پوليس پاران شاندار ڪارنامن جي سلسلي جو تسلسل جاري آهي. ڊي ايس پي لکي غلام شاه اقبال احمد شيخ، ڊي آ بي انچارج شاهجهان شاه ۽ ايس ايڇ او لکي غلام شاه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ايس ايس پي نوشهروفيروز جي خاص هدايتن تي منشيات فروش ۽ ڌاڙيلن خلاف ڪارروايون

پوليس ٽن سماج دشمن عنصرن کي نقصان رسائڻ واري گٽڪي سميت گرفتار ڪري ورتو آهي

03 پيڪٽ گٽڪاهٽ ڪرڻ بعد قل ٽاٽي تي مين پڙي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدار محمد اڪرم ڪمبوه ۽ مدثر آرائين محرابپور ٽاڻي کي بدفعلي جي ڪيس ۾ گهربل هئا

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پٽافي جي خاص هدايتن تي منشيات فروش ۽ ٻين ڌاڙيلن خلاف ڪاروايون جاري آهن 07 جوابدار گرفتار. چرس، شراب، نقصانڪار گٽڪو برآمد.سي آءِ اي انچارج يار محمد رند پوليس اسٽاف سان گڏجي مختلف هنڌن تي ڪاروايون ڪري ٽن سماج دشمن عنصرن کي نقصان رسائڻ واري گٽڪي سميت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر خيرپور محمد يوسف ٻگٽي جي مان پروقار آجيائو

خيرپور (رپورٽر) تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر خيرپور محمد يوسف ٻگٽي جي مان هڪ پروقار آجيائو تقريب استاف ڪرارتر اسڪول خيرپور ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ خاص مهمان اڳوڻا ڊي اوز محروم علي پنهور لياقت علي خاصخيلي، حميدالله مهر پ ب اڳواڻ حاجي سليمان ڪتوهر سماجي اڳواڻ سماج ستارڪ نصير مراد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: پوليس پاران منشيات فروش ۽ ڌاڙيلن خلاف ڪاروائين ۾ گرفتار ڪيل ملزم حراست ۾ بيٺل آهن

سليم باجاري جو پٽ سڏرائي تعليم ڪاتي جي عملدارن کي فون ڪندڙ نوجوان سوگهو

تعليم کاتي جي عملدارن کي پرنسپال جي بدلي لاءِ مبينا فون ڪندڙ نوجوان سوگهو ڪيو ويو

ڪاليج مانجهند جي پرنسپال کي بدلي ڪري ٻئي کي مقرر ڪرڻ لاءِ فون ڪرڻ تي سوگهو ڪيو ويو

مون کي ڪا به خبر ناهي نه ئي مون کي گرفتار ڪيو ويو آهي مان ٽاٽي تي گهمڻ آيو آهيان: احسان ميمڻ

مانجهند (رپورٽ:مهران عمراني) مانجهند ۾ سليم باجاري جو پٽ سڏرائي تعليم ڪاتي جي عملدارن کي پرنسپال جي بدلي لاءِ مبينا فون ڪندڙ نوجوان سوگهو جانچ هلندڙ تفصيل موجب مانجهند جي نوجوان احسان ميمڻ وزير اعلي سنڌ جي پرسنل سيڪريٽري سليم باجاري جو پٽ سڏرائيندي تعليم ڪاتي جي عملدار کي ڊگري ڪاليج مانجهند جي پرنسپال کي بدلي ڪري ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سجاول ۾ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام ۽ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پاران تقريب

نيشنل پاورٽي گريجوئيشن نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ميگافيسٽيول پروگرام ڪرايو

ٻارن لاءِ قائم ڪيل اسڪول موروڙو مرڪزجي ٻارن کي مختلف گيمن ۾ شموليت ڪرائي وئي

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام ۽ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پاران نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ميگافيسٽيول پروگرام ڪرايو ويو، ايريگيشن ڪالوني گرائونڊ ۾ نوجوانن ۽ يوٿ ميگا فيسٽيول ۾ ٽن گيمن جي نمائندگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي نادرن باءِ پاس سيد ٽينٽ سٽي ۾ ٻوڏ متاثرن تي هٿيار بندن جو حملو، 3 زخمي

زخمي متاثرن جو احمد شاه ڪاظمي تي حملي جو الزام، واقعي خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڪئمپ جو انتظام سنڀاليندڙن نه ايمبولينس فراهم ڪئي نه وري علاج ڪرايو آهي: عورت

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي نادرن باءِ پاس سيد ٽينٽ سٽي ۾ ٻوڏ متاثرن تي سيد احمد شاه ڪاظمي جي ڏنڊا بردارن جو حملو عورت سوڌو 3 ڄڻا زخمي متاثرن جو احمد شاه ڪاظمي تي حملي جو الزام احتجاج ڪراچي نادرن باءِ پاس سيد ٽينٽ سٽي ۾ ٻوڏ متاثرن سان فراڊ احمد شاه ڪاظمي رهبر مان رهزن بڻجي ويو سندس حڪم تي ڏنڊا بردارن حملو ڪري عورت سوڌو ٽن ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏو متاثر عورت ظميران ميهر جا ڪپڙا ريا ڪپڙا ليڙون ليڙون وارن مان جهلي تذليل ڪئي وئي عورت جي پيرن تي تشدد جا نشان واضح نظر اچي رهيا هئا گهمڻ ڦرڻ کان لاچار بڻجي وئي يارو مددگار بڻيل رهي متاثر عورت علاج لاءِ دربدر اسپتالن جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ٿي وئي آهي انتظام سنڀاليندڙن نه ايمبولينس فراهم ڪئي نه وري علاج ڪرايو/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين شهر جي مختلف علائقن ۾ آپريشن ناجائز حد دخليون ڪندڙن تي ڏنڊ

آزار جي خلاف عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر بدين ماجد الطاف ڪارروائي ڪئي

اڳواٽي ۾ گولاڙچي روڊ کان ڪوسڪي روڊ تائين حد دخلين جي خلاف سخت آپريشن ڪيو ويو

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين شهر جي مختلف علائقن ۾ آپريشن ناجائز حد دخليون ڪندڙن ۽ قانون جي خلاف ورزيون ڪندڙن تي ڏنڊ هنا ويا/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

قومي عوامي تحريڪ شڪارپور ضلعي جي جنرل ڪائونسل جو اجلاس، ڪارڪن شريڪ

شڪارپور ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي ڳڻتي جو اظهار، ايس ايس پي تي بي اعتمادي ظاهر ڪري ڇڏي

لاقانونيت خلاف مضبوط تحريڪ جو آغاز 23 ڊسمبر تي ڪنڊڪوٽ کان ڪيون پيا: آغا فهد خان

شڪارپور (ڊ ر) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور ضلعي جي جنرل ڪائونسل جو اجلاس شڪارپور ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي ڳڻتي جو اظهار. شڪارپور اندر خوف واري فضا هلي رهي آهي شهرين کي اڪيلو نه ڇڏينداسين. بدامني ۽ لاقانونيت خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٺون ديرو ۾ جڳهه جي مالڪي تان شيخ برادري ۾ جهيڙو مرد عورتون ۽ نوجوان زخمي

جڳهه جي مالڪيءَ تان لٺن سرون ۽ هٿيارن جو استعمال سان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

پوليس اسان جي زخمي نوجوان سجاد علي شيخ کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو: متاثر

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو ۾ جڳهه جي مالڪيءَ تان شيخ برادري ۾ جهيڙو سوين مرد عورتون نوجوان زخمي تصفيل موجب نئونديرو ۾ غريب آباد محلہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئون ديرو: جڳهه جي مالڪي تان شيخ برادري ۾ جهيڙي سبب زخمي ٿيلن جا ڪڍيل فوٽو

دادو ويجهو ڪمند جي ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ 8 ورهين جو نينگر زخمي

ٽرالي جي ٽڪر ۾ 8 ورهين جو نينگر دوست محمد پٽ ساجن جمالي زخمي ٿي پيو

زخمي نينگر کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال مان حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويو

دادو (ن سنڌيار) دادو ويجهو ڪمند جي ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ 8 ورهين جو نينگر زخمي ڳوٺ چانگي ٻهر جو ديرو وٽ ڪمند سان ڀريل تيزرفتار ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ 8 ورهين جو نينگر دوست محمد پٽ ساجن جمالي زخمي ٿي پيو ٽريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز ۾ پوليو ورڪرز جي مالي مدد لاءِ چيڪ ورهايا ويا

ڊي سي آفيس جي ڪميٽي روم ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي

ڊي سي شاهزيب شيخ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر اسدالله ڪلهوڙو شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌ حڪومت ضلعي جي اهڙن پوليو ورڪرز جي مالي مدد لاءِ 25000 هزار رپيا في ماڻهو جا 101 چيڪ ورهايا آهن جن کي تازو برسات ۾ نقصان ٿيو آهي. ان موقعي تي ڊي سي آفيس جي ڪميٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: پوليو ورڪرز ۾ چيڪ ڏنا پيا وڃن

نوشهرو فيروز ۾ چاهين منومل جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو

انور غوري عزيزالله چوهاڻ زاهد چوهاڻ ۽ ٻين بااثر بلڊر لينڊ مافيا خلاف احتجاج

بااثرن زبردستي مٽي لهرائي اسان جي وڏڙن جون قبرون مسمار ڪري ڇڏيون آهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) چاهين منومل جي رهواسي ڳوٺاڻن انور غوري عزيز الله چوهاڻ زاهد چوهاڻ ۽ ٻين بااثر بلڊر لينڊ مافيا اسلم راجپوت ۽ يوسف گجر جي مبينا زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته بس بلڊر پلاٽنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

اسلام ڪوٽ پوليس ڪڇه ڏينهن کان غريبن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو: شهري

ايس ايڇ او رڻ ٻاري ڏنو ڪوڙن ڪيسن غريبن ڦاسائي پريشان ڪندي نظر اچي ٿو

ايس ايڇ او خلاف ڪجهه وقت کان غريب پورهيت طبقي جا ماڻهو ڏانهيندي نظر اچن ٿا

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) اسلام ڪوٽ پوليس ڪجهه ڏينهن کان غريبن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي پوليس عمل خلاف رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيا ويا ۽ پوليس تورڙي پوليس عملدار جي ڪن تي جون به نئي سري اسلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سيائي ادبيات اڪيڊمي اسلام آباد ۾ ايوارڊ تقريب ٿي رهي آهي: اعجاز ممنائي

نذير سومرو، بيوس بخش علي چانڊيو اور صوفي امتياز پلال کي ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويو

منعقد ٿيندڙ تقريب جو مهمان خاص چيئرمين ادبيات اڪيڊمي ڊاڪٽر محمد يوسف هونڊو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) انٽر نيشنل رائٽرز فورم جي صوبائي اڳواڻ اعجاز ممنائي اسلام آباد روانگي کان اڳ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته سيائي ادبيات اڪيڊمي اسلام آباد ۾ ايوارڊ تقريب ٿي رهي آهي جنهن ۾ پوري پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مانجهند: سليم باجاري جو پٽ سڏرائي تعليم ڪاتي جي عملدارن کي فون ڪندڙ نوجوان گرفتار

ڏهرڪي لڳ ڳوٺ صاحب ڏنو راڄڙي يونين ڪائونسل سانڪو ۾ اسڪول عمارت نہ ملي

20 سالن کان عمارت نہ هئڻ سبب گلن جهڙا ٻار کليل آسمان هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن

گورنمينٽ پرائمري اسڪول صاحب ڏنو راڄڙي جي عمارت اڄ تائين نہ ٺهي سگهي آهي: علائقي واسي

فرنيچر جي کوٽ پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ بجلي جي مسئلن تي ڪافي ڀيرا وسوارن کي درخواستون ڏنيون

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي لڳ ڳوٺ صاحب ڏنو راڄڙي يونين ڪائونسل سانڪو تعلقہ ڏهرڪي جو گورنمينٽ پرائمري اسڪول صاحب ڏنو راڄڙي گڏيل 20 سالن کان عمارت نہ هئڻ سبب گلن جهڙا ٻار کليل آسمان هيٺ تعليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02



ڏهرڪي: اسڪول جي عمارت نہ ملڻ سبب ٻارڙا ڪچي اڏيل جهوپڙي ۾ تعليم وٺي رهيا آهن

اغوا ٿيل زال ۽ مڙس جي بازيابي لاءِ گهوٽڪي واسين جو احتجاجي مظاهرو

سکر (رپورٽر) اغوا ٿيل زال ۽ مڙس جي بازيابي لاءِ گهوٽڪي واسي خانگڙهه جي ڳوٺ ڏليل ميتلو جي رهواسين مغوين جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب سکر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي رياض احمد ميتلو الله وسايو نورحسن عبدالخالق ۽ ٻين مظاهري دوران ڏانهيندي چيو ت گل حسن ميتلو سندس زال اميت سان گڏ موٽر سائيڪل/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ بلوچستان رائيس ملرز ايسوسيئشن پاران احتجاجي مظاهرو

واپڊا جي ناانصافين ۽ وڌندڙ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

فاروق چيپا ، سريش ڪمار آلواڻي . عبدالجبار ميمڻ ، ڪشن چند سامناڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ بلوچستان رائيس ملرز ايسوسيئشن پاران واپڊا جي ناانصافين ۽ وڌندڙ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ويئي . ان موقعي تي سنڌ بلوچستان رائيس ملرز ايسوسيئشن جي اڳواڻن فاروق چيپا ، سريش ڪمار آلواڻي ، عبدالجبار ميمڻ ، ڪشن چند سامناڻي ۽ ٻين چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پرياسٽي مسلم ليگ ن اڳواڻ شڪيل جلباڻي پاران ايم پي اي مراد علي شاه خلاف احتجاج

مراد علي شاه سرڪاري ٻاقوتوڙي زمينن مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائي اسان کي ٻوڙائي رهيو آهي

پنجن مهينن کان اسان مٿان مختلف وقتن تي زيادتيون شروع ڪيون آهن اسان خاموش رهياسين

بااثر ايم پي اي خلاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ برساتي پاڻي جو نيڪال ڪرايو وڃي: نيوز ڪانفرنس

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي پيپلز پارٽي جي ايم پي اي سيد مراد علي شاه مسلم ليگ ن اڳواڻ شڪيل جلباڻي سندس سرڪاري ٻاقوتوڙي پنهنجي زمينن مان برساتي رهائشگاه تي نيوز ڪانفرنس ڪندي چيو ته جي قبرستان کي پڻ ٻوڙائي رهيو آهي هن چيو ته مسلسل پنجن مهينن کان اسان مٿان مختلف پاڻي نيڪال ڪرائي اسان جي ڳوٺن سميت وڏن وقتن تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: مسلم ليگ ن اڳواڻ شڪيل جلباڻي ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

باٿر ڏيرن ۽ پاڻٿين جي مبينہ ظلم ۽ زيادتين خلاف چوهاڻ برادري جو احتجاجي مظاهرو

سکر (بيوروپورٽ) باٿر ڏيرن ۽ پاڻٿين جي مبينہ ظلم ۽ زيادتين خلاف چوهاڻ برادري جي متاثرن عورت جو پنهنجي ٻچن سان گڏ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج انصاف جي اپيل ان سلسلي ۾ سکر ضلعي جي تعلقي روهڙي لڳ ڊبر ٽائي جي حد حسن ڳوٺ جي رهواسن مسمات سڪان زال مرحوم شير دل چوهاڻ پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي ۾ سنڌ بروهي اتحاد جي جنرل باڊي جو اجلاس، اهم فيصلا ڪيا ويا

اجلاس ۾ سينيئر نائب صدر فيض محمد بروهي جنرل سيڪريٽري مير مظفر شريڪ

نواز بروهي جي ايم بروهي تاج بروهي حيدرآباد ڊويزن جي صدر عبيدالله بروهي شريڪ ٿيا

موسا بروهي جانزيب بروهي سميت ڪيترن ئي قبائلي سياسي سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ بروهي اتحاد جي جنرل باڊي جو اجلاس رئيس علي حسن بروهي جي ميزباني ۾ سالار فارم هائوس ملير ۾ ٿي گذريو اجلاس جي صدارت مرڪزي صدر محمدعالم بروهي ڪئي جي اجلاس ۾ سينيئر نائب صدر فيض محمد بروهي جنرل سيڪريٽري مير مظفر بروهي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مير قلب حسين بروهي فنانس سيڪريٽري رئيس لطف الله بروهي جوائنٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دڙو جي صحافين سميت جهوڪ شريف جي صوفي پائرن کان ٿيل ڦرجا جوابدار گرفتار

بلڙي شاه ڪريم پوليس جي ايس ايڇ او الهڏنو پنهور ڪارروائي ڪري جوابدار گرفتار ڪيا

پوليس گنا مل وٽ ٿيل ڦرجي جوابدارن کي گرفتار ڪندي ڦرتيل رقم برآمد ڪري ورتي

جوابدارن وٽان برآمد ٿيل رقم دڙوجي صحافين ۽ جهوڪ شريف جي صوفي پائرن حوالي ڪئي

دڙو (رپورٽ:شوڪت ميمڻ) دڙو جي 2 صحافين سميت جهوڪ شريف جي صوفي پائرن کان ٿيل ڦرجا جوابدار گرفتار. ڦرتيل رقم برآمد. ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊومحمدخان جي نوٽيس تي بلڙي شاه ڪريم پوليس جي ايس ايڇ او الهڏنو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو: ايس ايڇ او الهڏنو صحافين کي ڦرڪيل رقم ڏئي رهيو آهي

گورنمينٽ گرلز ماڊل هاءِ خيرپور ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي

خيرپور (ڊ ر) گورنمينٽ گرلز ماڊل هاءِ خيرپور ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي ` تقريب ۾ ڊي اي او علي احمد راڄپر حسن افروز ٽرسٽ جي جنرل مينيجر آبدا ڪند ۽ ٻين شرڪت ڪئي تقريب ۾ ٻارن شاگردن شاگرديائين مختلف طريقن سان ٽيبلوز ۽ تقريرون پيش ڪيون ويون تقريب ۾ آيل مهمانن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺئون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ۾ راندين جو هفتو ختم

اسڪول جي شاگردن وچ ۾ مختلف قسمن جي راندين جا دلچسپ مقابلا ٿيندا رهيا

مقابلن ۾ اختتامي ڏينهن تي لانگ جمپ، چيئر گيم اسپون ريس جا دلچسپ مقابلا ٿيا

ڪاتي جي آفيسرن ۽ استادن چيو تہ سرگرمين سان گڏ ٻيون اضافي سرگرميون به ڪيون ويون

ٺئونڪوٽ (رپورٽر) ٺئون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول حاجي اپايو چانڊيو ۾ راندين جو هفتو جاري رهڻ ڪانپوءِ اختتام تائين پهتو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن وچ ۾ مختلف قسمن جي راندين جا دلچسپ مقابلا ٿيندا رهيا. اختتامي ڏينهن تي لانگ جمپ، چيئر گيم اسپون ريس جا دلچسپ مقابلا ٿيا جنهن ۾ شاگردن وڏي انگ ۾ حصو ورتو. پڇائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پروپيگينڊا هلي رهيو آهي جوهي ۾ غير قانوني ڪارڊ ٺاهيا پيا وڃن: صائم منگي

غلط پروپيگينڊا آهي نادرا جوهي آفيس ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي ٿي اسين تصديق ڪندا آهيون

ويريفڪيشن سميت سڀ پروسيجر مڪمل ڏيندا ڪرڻ ڪانپوءِ شناختي ڪارڊ جاري ڪري رهيا آهيون

جوهي نادرا جو سمورو اسٽاف بهترين ذريعي اچي آفيس ۾ شهرين جي خدمت لاءِ ڊيوٽي سرانجام ڏئي آهي

دادو (ڊ ر) تعلقہ جوهي شهر اندر موجود نادرا آفيس انچارج ميڊم صائم منگي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سوشل ميڊيا تي هڪ پروپيگينڊا هلي رهيو آهي تہ جوهي جي نادرا آفيس ۾ افغاني پنهنجا غير قانوني ڪارڊ ٺاهيا پيا وڃن جيڪا بلڪل غلط پروپيگينڊا آهي نادرا جوهي آفيس ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهه ناهي ٿي اسين تصديق ڪري قانوني طريقي سان سڀ شيون وٺي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دادو: تعلقہ جوهي شهر اندر موجود نادرا آفيس

خيرپور پرسان ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ مشهور صوفي بزرگ فقير هادي غمڪسار جو عرس

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ مشهور صوفي بزرگ فقير هادي غمڪسار رح جي 66 هين سالياني عرس مبارڪ جون تقريبون ٽي ڏينهن به جاري رهيون ملاکڙو، راڳ رنگ جي محفل، ۽ ميلو بازار عوام جي دلچسپي / ڌسڻ جهڙي هئي هن موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اوقاف ڪاتي جي سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

اياز لطيف پليجو سان ٽيڪساس هائوس آف اسٽيٽ هيوسٽن جي نمائندي جي ملاقات

هيوسٽن جي جيسي جيٽن جي اڳواڻي ۾ وفد حيدرآباد ۾ پرنس ٽائون پهچي ملاقات ڪئي

پاڪستان ۾ سمورين حڪومتون عورتن کي حق ڏيڻ ۾ ناڪام رهيون آهن: اياز لطيف پليجو

صحت ۽ روزگار جو پڻ حق ڏنو وڃي پاڪستان ۽ سنڌ ۾ عورتون سخت ظلمن کي منهن ڏئي رهيون آهن

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراه اياز لطيف پليجو سان آمريڪا جي ٽيڪساس هائوس آف اسٽيٽ هيوسٽن جي نمائندي جيسي جيٽن جي اڳواڻي ۾ وفد حيدرآباد ۾ سندس رهائشگاه بي 48 پرنس ٽائون پهچي ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ سنڌ، ملڪ ۽ عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي اياز لطيف پليجي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 21 ڊسمبر 2022ع

دهشتگرد ڪي پي ۾ منظم ٿي رهيا آهن؟

ڪي پي ۾ امن امان جون حالتون ڪيتري وقت کان وٺي خراب نظر اچي رهيون آهن ۽ دهشتگردن جي منظم ٿيڻ جون خبرون ملي رهيون آهن. صوبائي حڪومت صوبي ۾ امن امان تي ڌيان ڏيڻ بدران پنهنجون سڀئي توانايون وفاقي حڪومت سان سياسي جهيڙي تي خرچ ڪري رهي آهي، ڪڏهن لانگ مارچ لاءِ صوبائي حڪومت انتظام ڪرڻ ۾ پوري آهي ته ڪڏهن اسيمبليون ٽوڙڻ لاءِ سياسي مشاورت ۾ مشغول نظر اچي ٿي. ڪڏهن سياسي جلسن لاءِ سرڪاري وسيلا استعمال ڪيا وڃن ٿا ته ڪڏهن سياسي مخالفت سبب وفاق ۽ صوبي کي آمهون سامهون بيهاريو وڃي ٿو جنهن ڪري انهي صورتحال جو فائدو ملڪ دشمن ۽ دهشتگرد وٺي صوبي ۽ ملڪ ۾ حالتون خراب ڪري رهيا آهن ۽ دهشتگردي جي واقعن ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. ايئن لڳي رهيو آهي جو ڪجهه وقت اڳ تائين جن دهشتگردن کي شڪست ڏئي پوئتي ڌڪيو ويو هو يا انهن جي قوت ڪمزور ڪئي وئي هئي اهي وري سيٽلڊ ايرياز يعني شهرن تائين پهچي ويا آهن ۽ پنهنجي دهشتگردي وارن نيٽ ورڪ کي متحرڪ ڪري ڇڏيو آهي. سياسي عدم استحڪام رڳو معاشي حالتون خراب ڪرڻ جو سبب نه ٿو بڻجي پر امن امان جون حالتون پيدا ڪرڻ ۾ به ان جو وڏو هٿ هجي ٿو.

ڪجهه وقت اڳ تائين اهي ڳالهيون ٿينديون رهيون يا سياسي مخالف اهي الزام لڳائيندا رهيا ته ڪي پي ۾ امن امان جون حالتون خراب ٿي رهيون آهن پر صوبائي حڪومت انهي پاسي ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، ايستائين جو اهو به چيو ويو ته وڏي وزير سميت ڪيترن وزيرن ۽ ڪامورن کي ڀتي لاءِ ڌمڪيون ملي رهيون آهن ۽ ڪجهه وزير ۽ ڪامورا ته باقاعده انهن دهشتگرن کي ڀتو به پهچائي رهيا آهن پر حڪومت انهن الزامن جي ترديد ڪندي رهي، ايستائين جو اڳوڻي وفاقي حڪومت ۾ انهن ئي دهشتگردن سان ڳالهيون ٿينديون رهيون ايستائين جو انهن کي پشاور ۾ آفيس کولي ڏيڻ جون آڇون به ٿينديون رهيون. ڪجهه ڏينهن اندر هڪٻئي پٺيان ٿيل دهشتگردي جي واقعن انهن سڀني ڳالهين جي ڄڻ ته تصديق ڪري ڇڏي آهي ته ڪي پي ۾ حالتون قابو کان ٻاهر ٿي رهيون آهن ۽ دهشتگرد پنهنجا ديرا ڄمائي رهيا آهن. ٻه ڏينهن اڳ لڪي مروت جي برڳئي ٿاڻي تي دهشتگردن حملو ڪري 4 پوليس اهلڪارن کي شهيد ۽ 4 کي زخمي ڪري وڌو. پوليس موجب دهشتگردن ٿاڻي جي ٻنهي پاسن کان دستي بمن ۽ راڪيٽ لانچرن سان حملو ڪيو ٻئي طرف خيبر جي باڙا علائقه نالا ٿاڻي ۾ ايف سي چيڪ پوسٽ تي دستي بم حملي جي نتيجي ۾ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو آهي. ايف سي ذريعن موجب زخمي اهلڪار کي ويجهي اسپتال نيو ويو جڏهن ته جوابي ڪارروائي ڪانپوءِ دهشتگرد فرار ٿي ويا. جڏهن ته ٻئي ڏينهن تي وري دهشتگرن سي ٽي ڊي بنون جي آفيس تي حملو ڪري ڪيترن آفيسرن ۽ اهلڪارن کي ٻن ڏينهن کان يرغمال بڻائي ورتو آهي. دهشگردن جو مطالبو آهي ته کين حفاظت سان افغانستان تائين پهچايو وڃي جنهن کان پوءِ ئي يرغمالين کي ڇڏيو ويندو. ڪي پي جي پوليس جي حوالي سان اها ڳالهه مشهور آهي ته اها ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ انتهائي پروفيشنل انداز ۾ ڪم ڪندي رهي آهي انهن کي دهشتگردن سان ويڙهه جو وڏو تجربو آهي پر ڪجهه وقت کان وٺي انهن کي سياسي معاملن ۾ استعمال ڪرڻ سبب انهن جي انهي پروفيشنلزم انداز کي ڌڪ لڳو آهي يا وري انهن کي اهي سهولتون نه ٿيون ڏنيون وڃن جيڪي دهشتگردن خلاف ويڙهه ۾ فرنٽ لائين فورس طور وڙهندڙن کي ملڻ گهرجن جنهن ڪري به دهشتگرد آساني سان ڪارروايون ڪري رهيا آهن.

اسان سمجهون ٿا ته پاڪستان ۽ خاص ڪري ڪي پي صوبو دهشتگردن جي نشاني تي رهيا آهن. اها صوبائي توڙي وفاقي حڪومت جي ذميواري آهي ته انهي صوبي کي دهشتگردن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ هر وقت چوڪس رهن. موجوده واقعا ٻڌائي رهيا آهن ته دهشتگرد ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام جو فائدو وٺي پنهنجي ڪاررواين کي تيز ڪري رهيا آهن جنهن سان ملڪ جون معاشي حالتون به وڌيڪ خراب ٿينديون تنهن ڪري صوبائي ۽ وفاقي حڪومت پنهنجا سياسي اختلاف پاسي تي رکي انهي دهشتگردي جي لهر کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏجي حڪمت عملي جوڙي

ڊاڪٽر اسلم آزاد همت ۽ حوصلي جو اهڃاڻ

نديم ميمڻ

20 ڊسمبر 1991 تي روڊ حادثي سبب هڪ ٿي بستري تي معذوري واري زندگي گهاريندڙ ڊاڪٽر اسلم آزاد کي اڄ 31 سال مڪمل ٿي ويا آهن. 31 سال کان حادثي ۾ ڪرنگهي هڏي ٽٽڻ سبب مفلوج بڻجي بستري تي پيل ناميارو سماجي، سياسي ورڪر، صحافي، ڪالم نگار، ليکڪ ڊاڪٽر اسلم آزاد معاشري لاءِ اتساهه جو سبب بڻيل آهي. 1991ع ۾ جاتي روڊ تي پيش آيل حادثي ڊاڪٽر اسلم آزاد جي لاءِ خوفناڪ ثابت ٿي سندس خوابن کي پورپور ڪري ڇڏيو جسماني طور مفلوج بڻجي وڃڻ باوجود ڊاڪٽر اسلم آزاد همت ۽ حوصلي سان معاشري لاءِ اتساهه جو اهڃاڻ بڻيل آهي. ڊاڪٽر اسلم آزاد جي زندگي جي عروج جو سج جنهن ڏينهن لهي ٿو اها تاريخ 20 ڊسمبر 1991ع جي نياڳي شام هئي، انهي ڏينهن به انسانن جو احساس رکندڙ پنهنجي ڳوٺ تڙ خواجا ۾ ميڊيڪل ڪئمپ تي ڏکايل بيمارن جي خدمت ڪري واپس موٽي رهيو هو ته جاتي روڊ تي سخي بادشاهه اسٽاپ وٽ سندس ڊاٽسن ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري واهه ۾ ڪري پئي، جنهن سبب هڪ شخص نالي نورعلي خواجا تڏي تي فوت ٿي ويو باقي 14 ڄڻا زخمي ٿي پيا جنهن ۾ ڊاڪٽر اسلم به شامل هو. 13 ڄڻا زخمي ته صحت مند ٿي زندگي نئين سر شروع ڪري ڇڏي پر ڊاڪٽر اسلم آزاد جي ڪرنگهي جي هڏي ۽ ڪنڌ جي نس ٽٽڻ ڪري اڄ تائين هو بستري جي حوالي ٿيل آهي. سندس ڪنڌ کان وٺي هيٺ تائين سمورو جسم مفلوج ٿي ويو آهي. جنهن ڪري مٿس ويڻل مک کي اٿارڻ ۾ به سندس جسماني وس نٿو هلي. کيس ڏسندڙ اکيون تڏهن حيران ٿي پونديون آهن جڏهن ڊاڪٽر اسلم آزاد کين مخاطب ٿيندو آهي، ڊاڪٽر اسلم سان ملاقات دوران جيڪي گهمندڙ ڦرندڙ، صحتمند ماڻهو خيالن جي ڏي وٺ ڪندا آهن ته ڊاڪٽر اسلم آزاد جي جاڻ ڪرنٽ افيئرس تي نظر ۽ ان تي سندس تجزئي ۽ تبصرن کي ٻڌي پاڻ کي سندس اڳيان ٻونا محسوس ڪندا آهن. جتي ڪيترا ماڻهو معمولي بيماري جي خوف کان ذهني منجهارن جو شڪار ٿي چرپائپ واري زندگي گذاريندي حياتي جا ڏينهن گذاري ويندا آهن. اتي ڊاڪٽر اسلم آزاد پنهنجي جسماني چرپر کان لاچار هوندي به ذهني طور هڪ وڏو اديب، شاعر ۽ دانشور شخص طور اڀريو آهي. پنهنجي مفلوج حالت کان بي نياز ڊاڪٽر اسلم آزاد دنيا، ملڪ ۽ سنڌ جي سياسي صورتحال کان نه صرف باخبر آهي پر ايندڙ وقت جي سچي صورتحال جو ٺيڪ ٺاڪ تجزيو پڻ ڪري پنهنجي اهميت مڃرائي رهيو آهي. سچ پچ ته ڊاڪٽر اسلم آزاد 31 سالن کان بستري تي پيل هجڻ باوجود به هن وقت الله تعالىٰ جي نعمتن مان مستفيد ٿيندڙ فردن کان وڌيڪ چاق وچوبند، بهتر سوچيندڙ، معاشري لاءِ ڪارامد فرد آهي. ڊاڪٽر اسلم جي جسماني حالت جيتوڻيڪ ڪنهن الميي کان گهٽ نه آهي پر قدرت طرفان کيس بخشيل دماغي طاقت، همت ۽ حوصلو قسمت وارن کي نصيب ٿيندو آهي.

ڊاڪٽر اسلم آزاد 30 آگسٽ 1965ع تي جاتيءَ ۾ جنم ورتو. جاتيءَ مان ميٽرڪ پاس ڪري، سجاول جي ڪاليج مان انٽر ڪيائين. جنهن کان پوءِ ايم. بي. بي. ايس جي ڊگري لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽيءَ) مان حاصل ڪري، اتي ئي هائوس جاب ڪرڻ لڳو. ادبي دنيا ۾ هن 1981ع کان سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان آغاز ڪيو. سنگت ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. کيس ادب کان سواءِ حالات حاضره سان گهڻي دلچسپي رهي ۽ صحافت ۾ به اڳيرو رهيو مختلف تنظيمن ۾ رهيو. شخصيتن کان انٽرويو ورتائين. ڪالم لکيائين. هن ڄامشوري مان پندرهن روزه اخبار "آواز" به جاري ڪئي هئي، جنهن جو پاڻ چيف ايڊيٽر هو. 1991ع ۾ هائوس جاب دوران هڪ فلاحي اداري جي مدد سان ڪنهن ڳوٺ ۾ طبي ڪئمپ لڳائڻ جي سلسلي ۾ ساٿين سان گڏ ويو، واپسيءَ ۾ تڙ خواجا کان سجاول ڏانهن ايندي ٽريفڪ حادثي ۾ سندس ڪرنگهي جي هڏي ٽٽي پئي، جنهن جو علاج هن ملڪ جي وڏين اسپتالن مان ڪرايو. پر پوريءَ طرح ٺيڪ ٿي نه سگهيو آهي ۽ اڄ تائين وڏيءَ همت سان ان تڪليف سان منهن ڏيندو پيو اچي. مطالعي جو ذوق رکندڙ ڊاڪٽر اسلم آزاد هن وقت سجاول ۾ رهائش پذير آهي ۽ اتان جي سماجي، ادبي توڙي سياسي پروگرامن ۾ پاڻ کي ويل چيئر تي به ڪٿائي شرڪت ڪندو رهي ٿو کيس ڏسي انسان جي عظمت ۾ پڪو يقين ٿي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر اسلم آزاد سان پيش آيل حادثي کان پوءِ سندس ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ جي خدمت لاءِ پنهنجي مڱڻي ٽوڙي پاڻ کي ڀاءُ جي خدمت لاءِ وقف ڪري قرباني ۽ ايثار جو مثال قائم ڪري ڇڏيو آهي. حادثي ۾ زخمي ٿيڻ کان پوءِ بستري پيل ڊاڪٽر اسلم آزاد جو چوڻ آهي ته مون ڪيترائي ڀيرا کيس سمجهايو ته هوءَ نه مڃي ۽ پنهنجي مڱڻي ٽوڙي ڇڏي. ڊاڪٽر اسلم جي ڀيڻ جي پنهنجي ڀاءُ لاءِ ڏنل قربانيءَ ڀيڻ جي ڀاءُ سان محبت جو بهترين مثال قائم ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر اسلم جي مڱيندي ۽ سندس محبت پڻ حادثي ۾ زخمي ٿي مفلوج ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڪنهن سان شادي کان ٺپ انڪار ڪري ڇڏيو هو پر ڊاڪٽر اسلم آزاد جي گهڻي سمجهائڻ کان پوءِ هن اهو فيصلو واپس وٺي پنهنجو گهر وسائي ڇڏيو. ڊاڪٽر اسلم آزاد جو چوڻ آهي ته محبت شادي جي محتاج نه هوندي آهي سائنس پاڪ محبت اڄ به قائم آهي ۽ هميشه رهندي. ڊاڪٽر اسلم آزاد جهڙي طرح پنهنجي جسماني ڪي معذوري کي خاطر ۾ نه آڻيندي زندگي جا قيمتي 31 سال هڪ ئي بستري تي گهاري خدا پاران بخشيل زندگيءَ مان ڪڏهن به نااميدي جو اظهار ڪرڻ نه ڏنو رهيو پر مايوسيءَ جو به اظهار نه ڪيو آهي اهو هن کي هڪ بلند حوصلي ۽ باهمت شخص ثابت ڪري ٿو سندس اهو حوصلو ۽ همت جنهن جي اڳيان جبل به سر نمائندي نظر اچن ٿا. ڊاڪٽر اسلم آزاد جي زندگي اسان ڏکين حالتن ۾ زند رهڻ ۽ زند رهي ڪري معاشري لاءِ ڪارامد فرد بڻجڻ جو سبق ڏئي ٿي. سنڌ سرڪار کي به گهرجي ته ڊاڪٽر اسلم آزاد جي زندگيءَ جي باري ۾ سبق نصاب ۾ شامل ڪري نئين نسل کي ان کان روشناس ڪرايو وڃي

أُبِي اوسِڙان اُسَ ۾، جَهليو ڪُنَّ ڪِنارَ؛
گَهاتُو گهرِ نه آئِيا، وَڏِي لَڳِيَنِ وارَ؛
هُيَسِ جنِيِن هارَ، سي موڙي چَڙِهيا مَڪُڙا.

غربت ڪينسر کان وڌيڪ خطرناڪ آهي!

اسلم هزلر چانڊيو

چوندا آهن جيءَ خوش ته جهان خوش هي اهي ستون آهن جيڪي پاڻ سان گڏ ٻين جي جيءَ جي سلامتي گهرن ٿيون جيڪي بيمارين جي بستري تي پئي پئي دنيا جي روشنين کان محروم ٿي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏين ٿيون هونئن ته بيماري ڪهڙي به هُجي اها ڪنهن هڪ "فرد" کي هوندي آهي ته نقصانڪار به ان لاءِ ئي هوندي آهي. ڪوڙ ساريون اهڙيون وچڙندڙ بيماريون آهن جيڪي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿينديون رهن ٿيون جن ۾ جڏهن انسان جڪڙجي وڃي ٿو ته اهو انسان هوريان هوريان پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏي ٿو!
ڪينسر اها هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪا انسان جي جسم ۾ اڌوهي جيان انسان کي کائيندي رهي ٿي جيئن جيئن ڪينسر جو مرض پراڻو ٿيندو ويندو آهي تيئن تيئن اهو مرض انسان کي موت ويجهو ڪندو ويندو آهي ڪينسر انسان جي جسم کي کائيندو رهي ٿو وقت تي علاج نه ٿيڻ سان انسان بچي نه ٿو سگهي علاج انسان لاءِ اڌ شفا آهي جنهن کان ماڻهو موت جي منهن مان نڪري سگهي ٿو خير پاڻ اچون ٿا مضمون جي اصل مقصد ڏانهن!
زندگي حسين آهي اهو ته ٻڌندا پيا اچون پر حسن درد چيو آهي "زندگي ڪيڏي ذلالت شڪستون" زندگي ۾ خوشيون ڏک فطري آهن!
غربت به هڪ وبا آهي جيڪا انساني زندگي کي اڌوهي جيان کائيندي اچي ٿي. بظاهر ته ڪينسر هڪ فرد کي نقصان رسائيندو آهي پر غربت پوري خاندان کي اڌوهي جيان هوريان هوريان کائيندي آهي غربت خوشين جي قاتل هوندي آهي غربت خواهشن جي قاتل هوندي آهي غربت زندگي زهر بڻائيندي آهي غربت جيئڻ تان ارواح کڻائيندي آهي غربت رشتن ۾ دوريون پيدا ڪندي آهي غربت رشتن جو تقدس وڃائيندي آهي غربت اڪيلي هوندي آهي جيئن ناڪامي تنڊلڪي هوندي آهي، غربت ڪيترن ئي ناڪامين جو سبب بڻجندي آهي غربت وبا آهي جيڪا وبا نسلن جا نسل ڳڙڪائي ٿي !
ٻن مهينن جي ڳالهه آهي مان لاڙڪاڻي جي هڪ وڏي بازار ۾ ڪنهن ڪم سانگي ويو هيس هڪڙا ماڻهو اهڙا هئا جيڪي وڏين وڏين گاڏين تي اچي ڪپڙا خريد ڪن پيا نوان نوان بوٽ خريد ڪن پيا سياري اچڻ کان اڳ ئي سياري جي موسم جي تيارين ۾ رڌل اهي ماڻهو جن وٽ ڪا به انسانيت نه هُئي سنا سنا بوٽ گرم ڪپڙا خريدڻ ۾ مصروف هئا پر منهنجي نظر انهن غريب ٻارڙن تي پئي جيڪي اتان پاڻا ميڙي رهيا هئا معصوم اکين سان ڪپڙن جي دڪان کي ڏسي رهيا هئا. ايئن لڳو جڻ سوچين پيا ته ڪاش اهي ڪپڙا اسان به خريد ڪري سگهون صرف خريد ڪرڻ وارا ٻيحس نه هئا پر دڪاندار به سندن دڪان اڳيان ويهڻ تي به اعتراض ڪري رهيا هُئا اهي معصوم ٻار خواهشون دل ۾ کڻي ڄڻ پاڻ سان گڏ ڪينسر جو مرض کڻي ويا!
غربت جي زندگي گهاريندڙ ماڻهو جيڪڏهن ڪا خواهش پالي ٿو ته سندس خواهش اڻپوري ٿي وڃي ٿي. غربت جي ڪري اڄ رشتن ۾ اها سچائي ڪونهي غربت جي ڪري ٽيل رشتا به ٽٽي ٿا وڃن غربت جي ڪري ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا غربت جي ڪري دوستيون به ٽٽي ٿيون وڃن. غربت جي ڪري هوشيار شاگرد ڪنهن سٺي تعليمي اداري ۾ پڙهي نٿا سگهن غربت جي ڪري تعليم کان محروم ٿي وڃن ٿا. غربت جي ڪري بک بدحالي واري زندگي گهارين ٿا پر جن وٽ پئسو آهي سي پڙهي به سگهن ٿا ته وري خوشيون پوريون ڪن ٿا. رشتن جي به گهٽائي انهن وٽ آهي جيڪڏهن اڪيلا آهن ته صرف غريب فرد!
ان ڪري صرف ڪينسر نه پر "غربت ڪينسر کان وڌيڪ خطرناڪ آهي"

غربت به هڪ وبا آهي جيڪا انساني زندگي کي اڌوهي جيان کائيندي اچي ٿي. بظاهر ته ڪينسر هڪ فرد کي نقصان رسائيندو آهي پر غربت پوري خاندان کي اڌوهي جيان هوريان هوريان کائيندي آهي غربت خوشين جي قاتل هوندي آهي غربت خواهشن جي قاتل هوندي آهي غربت زندگي زهر بڻائيندي آهي غربت جيئڻ تان ارواح کڻائيندي آهي غربت رشتن ۾ دوريون پيدا ڪندي آهي غربت رشتن جو تقدس وڃائيندي آهي غربت اڪيلي هوندي آهي جيئن ناڪامي تنڊلڪي هوندي آهي، غربت ڪيترن ئي ناڪامين جو سبب بڻجندي آهي غربت وبا آهي جيڪا وبا نسلن جا نسل ڳڙڪائي ٿي !
ٻن مهينن جي ڳالهه آهي مان لاڙڪاڻي جي هڪ وڏي بازار ۾ ڪنهن ڪم سانگي ويو هيس هڪڙا ماڻهو اهڙا هئا جيڪي وڏين وڏين گاڏين تي اچي ڪپڙا خريد ڪن پيا نوان نوان بوٽ خريد ڪن پيا سياري اچڻ کان اڳ ئي سياري جي موسم جي تيارين ۾ رڌل اهي ماڻهو جن وٽ ڪا به انسانيت نه هُئي سنا سنا بوٽ گرم ڪپڙا خريدڻ ۾ مصروف هئا پر منهنجي نظر انهن غريب ٻارڙن تي پئي جيڪي اتان پاڻا ميڙي رهيا هئا معصوم اکين سان ڪپڙن جي دڪان کي ڏسي رهيا هئا. ايئن لڳو جڻ سوچين پيا ته ڪاش اهي ڪپڙا اسان به خريد ڪري سگهون صرف خريد ڪرڻ وارا ٻيحس نه هئا پر دڪاندار به سندن دڪان اڳيان ويهڻ تي به اعتراض ڪري رهيا هُئا اهي معصوم ٻار خواهشون دل ۾ کڻي ڄڻ پاڻ سان گڏ ڪينسر جو مرض کڻي ويا!
غربت جي زندگي گهاريندڙ ماڻهو جيڪڏهن ڪا خواهش پالي ٿو ته سندس خواهش اڻپوري ٿي وڃي ٿي. غربت جي ڪري اڄ رشتن ۾ اها سچائي ڪونهي غربت جي ڪري ٽيل رشتا به ٽٽي ٿا وڃن غربت جي ڪري ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا غربت جي ڪري دوستيون به ٽٽي ٿيون وڃن. غربت جي ڪري هوشيار شاگرد ڪنهن سٺي تعليمي اداري ۾ پڙهي نٿا سگهن غربت جي ڪري تعليم کان محروم ٿي وڃن ٿا. غربت جي ڪري بک بدحالي واري زندگي گهارين ٿا پر جن وٽ پئسو آهي سي پڙهي به سگهن ٿا ته وري خوشيون پوريون ڪن ٿا. رشتن جي به گهٽائي انهن وٽ آهي جيڪڏهن اڪيلا آهن ته صرف غريب فرد!
ان ڪري صرف ڪينسر نه پر "غربت ڪينسر کان وڌيڪ خطرناڪ آهي"

بقايا *** 01

هن چري ماڻهو کي روڪيو وڃي. گهرو وزير چيو ته پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر جو اجلاس نه گهرائڻ بابت موقف غلط آهي ۽ اهو آئين جي خلاف آهي. گورنر اسيمبلي جو اجلاس گهرائي سگهي ٿو پرويز الاهي کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن پرويز الاهي سياڻي اعتماد جو ووٽ نٿو وٺي ته پوءِ گورنر نئين وڏي وزير جي چونڊ جو اعلان ڪري سگهي ٿو (ن) ليگ اڳواڻ چيو ته جيڪڏهن اربع جي شام 4 وڳي پنجاب اسيمبلي جو اجلاس نه ٿيو ۽ پنجاب جي وڏي وزير اعتماد جو ووٽ نه ورتو ته اهو وڏو وزير نه رهندو. ٻئي طرف پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر چيو آهي ته پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اسان ختم نه پر ملتوي ڪيو آهي. هلندڙ اجلاس ۾ پنجاب جي گورنر کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو نٿا چئي سگهون.

بقايا *** 02

ويو. انسپيڪٽر نثار اعوان ڪيس جو ٻيهرين جاچ آفيسر هو جنهن کي عدالت جي حڪم تي جوابدار ناهيو ويو. دوران ٻڌڻي نائيجيرين شهرين کي عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو. جوابدارن جي خلاف ڪا به ثبوت پيش نه ڪيو ويو. ڪيس 2020ع ۾ داخل ڪيو ويو.

بقايا *** 03

جوڙي وئي آهي جنهن ۾ سيڪريٽري پاور، دفاع واري وزير سميت 10 ٻيا وزير به شامل آهن. بچاءَ واري وزير ٻڌايو ته سرڪاري ادارن ۾ 20 سيڪڙو ماڻهو گهرويٺي ڪم ڪندا ته 58 ارب رپين جي بچت ٿيندي. پريس ڪانفرنس ڪندي بچاءَ واري وزير چيو ته شادي هالن جو وقت رات 10 وڳي تائين هوندو جڏهن ته هوٽلون ۽ مارڪيٽون رات 9 وڳي بند ڪيون وينديون. اهڙن قدمن سان 62 ارب رپين جي بچت ٿيندي. پراڻا پکا 120 کان 130 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن جڏهن ته نوان پکا تقريبن 40 کان 60 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن. ان پکن جي استعمال سان 15 ارب رپين جي بچت ٿي سگهي ٿي. هن چيو ته ايل اي ڊي بلب جي استعمال سان 23 ارب رپين جي بچت ٿيندي. گهرن ۾ پکا ۽ ايئرڪنڊيشنڊ جي استعمال ۾ بچت سان 8 کان 9 هزار ميگاواٽ بجلي بچائي سگهجي ٿي. گيس فراهم ڪندڙ ڪمپنيون گيزر جي لاءِ بچت جا اوزار ڏينديون جنهن سان 92 ارب رپين جي ساليانو بچت ٿيندي. خواجه آصف چيو ته متبادل اسٽريٽ لائٽس ٻارڻ سان 4 ارب رپين جي بچت ٿيندي اي بائيڪس متعارف ڪرائي پئي وڃي. محدود وقت اندر اهي موٽرسائيڪلون مارڪيٽ ۾ اچي وينديون. امپورٽ شروع ٿي چڪي آهي. موٽر سائيڪل ڪمپنين سان ان حوالي سان ڳالهيون جاري آهن. اي بائيڪس اچڻ سان 86 ارب رپين جي بچت ٿيندي. هن چيو ته اهڙن قدمن جي لاءِ عوامي آگاهي مهم به هلائي ويندي. وفاقي وزير وڌيڪ ٻڌايو ته ڪابينه جي فيصلن تي چئني صوبن کي پيروسي ۾ ورتو ويندو خميس تائين پاليسي کي حتمي شڪل ڏني ويندي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته رات 2 وڳي تائين دڪان کولڻ جو رواج سمجهه کان ٻاهر آهي. اسان کي توانائي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجون عادتون تبديل ڪرڻيون پونديون. اسان رات جو شاپنگ ڪلچر برداشت نٿا ڪري سگهون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان واحد ملڪ آهي جتي رات دير تائين مارڪيٽون کليل هونديون آهن. صبح جو اسان وٽ 12 کان 1 وڳي

تائين مارڪيٽون کلنديون آهن اسان ڏينهن جي روشني مان وڌ کان وڌ فائدو کڻڻ چاهيون ٿا. ملڪ هن وقت سنگين معاشي پريشانين جو شڪار آهي اسان وٽ ان کان علاوه ٻيو ڪوبه آپشن نه آهي. ان موقعي تي قمرالزمان ڪائره چيو ته ملڪ هن وقت مشڪل حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. حڪومت قدم کڻي رهي آهي. عمران خان روزاني ملڪي معيشت تي حملو ڪندو آهي. هو ڊيفالٽ جون ڳالهيون ڪندو آهي، اهڙو ڪجهه نه ٿيندو. اسان عوام جي تڪليف کي نظر ۾ رکندي فيصلو ڪري رهيا آهيون سمورن اسٽيڪ هولڊرز کان اميد آهي ته تجويزن تي غور ڪندا.

بقايا *** 04

[illegible] بااختيار مڪاني نظام بابت داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي. ٻڌڻي دوران عدالت مڪاني ڪاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. جسٽس ڪي ڪي آغا ريمارڪس ڏيندي چيو جيڪڏهن ڪم نٿا ڪري سگهو ته استعيفيٰ ڏئي گهر هليا وڃو ايڊيشنل سيڪريٽري جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت طلب ڪئي، جنهن تي جسٽس ڪي ڪي آغا چيو ته هاڻي ڪا به مهلت نه ملندي. توهان ۽ توهان جي سيڪريٽري خلاف ڪارروائي ڪنداسين عدالت مڪاني ڪاتي واري سيڪريٽري کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو ۽ فيصلي جي ڪاپي چيف سيڪريٽري ڏانهن موڪلڻ جي به هدايت ڪئي. جنهن ڪانپوءِ ڪيس جي ٻڌڻي 12 جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا *** 05

موجب پاڪستان پاران سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي مدد لاءِ 5 منصوبن لاءِ فنڊ ملندا. جن مان 3 منصوبا متاثرين جي بحالي، گهرن جي تعمير ۽ زراعت جا آهن. جڏهن ته ٻيا 2 منصوبا سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ جا آهن. ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو شعبو مدد ڪندو.

بقايا *** 06

خواجا سعد رفيق جي صدارت هيٺ ريلوي عملدارن جو اجلاس ٿيو ريلوي واري وزير ريلوي پليٽ فارمن کي مسافرن لاءِ موزون بڻائڻ لاءِ فوري تجويزون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته اسٽيشنن جي پليٽ فارمن کي ضرورت موجب اپ گريڊ ڪيو وڃي هن چيو ته بئنڪن ۾ غير استعمال ٿيل 10 ڪروڙ رپيا ريلوي کي واپس اچي ويا آهن ريلوي واري وزير وڌيڪ چيو ته ايم ايل ون جي ترجيحي پيڪيجز تي ڪم شروع ڪيو وڃي. ريلوي کي پيرن تي بيهارڻ لاءِ ڊپارٽمينٽل ڊسپلن تي عمل ڪيو وڃي.

بقايا *** 07

بار حڪومت جي خزاني تي پوي ٿو. صوبائي وزير اها ڳالهه ٽرانس ڪراچي جي 22هين بورڊ آف ڊائريڪٽرن جي اجلاس جي صدارت ڪندي چئي. هن چيو ته يونيورسٽي روڊ تي عوام کي سخت ڏکائين کي جو منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. صوبائي وزير ايڊمنسٽريٽر ڪراچي کي چيو ته بي آر ٽي ريڊ لائن جي بس ڊيپو جي تعمير لاءِ زمين جو ڪنٽرول ٽرانس ڪراچي جي حوالي ڪيو وڃي، جنهن تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان بورڊ کي ٻڌايو ته بس ڊيپو جي تعمير لاءِ 10 ايڪڙ زمين مختص ڪري ڇڏي آهي. اڄ ئي ٽرانس ڪراچي زمين جو ڪنٽرول سنڀالي وٺي. اجلاس ۾ 21هين بورڊ جي اجلاس جي منٽس جي منظور پڻ ڏني وئي. اجلاس ۾ بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ تي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جو سيڪريٽري عبدالحليم شيخ، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي زبير چنا،

ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان، جسٽس ريٽائرڊ شائق عثماني، رخسانا راهوجو، شمائل سڪندر، سي اي او ٽرانس ڪراچي واصف اجلال، ڪمپني سيڪريٽري اقبال لالاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا *** 08

اطلاعات واري وزير چيو ته سنڌ پوليس ڪارروائي ۾ آهي ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي جوابدارن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته قانون ۾ پوليس شاهدين جي ڪا گنجائش ناهي، سنڌ حڪومت شاهدن جي تحفظ جو بل متعارف ڪرايو آهي جنهن تحت شاهدن کي تحفظ ڏنو ويندو.

بقايا *** 09

جو وڏو وزير اسان جو هوندو. آصف علي زرداري ۽ چوڌري شجاعت وچ ۾ ملاقات دوران وزيراعظم شهباز شريف سان به رابطو ڪيو ويو هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته چوڌري شجاعت حسين پنهنجو وزن ب پ جي پاسي رکيو آهي. جنهن کانپوءِ اپوزيشن طرفان وڏ وزارت ب پ کي ڏيڻ جو امڪان آهي. ب پ ذريعن موجب اتفاق راءِ جي صورت ۾ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جا اميدوار ن ليگ مان هوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته آصف زرداري ب پ کي وڏ وزارت ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي ۽ هن پنهنجي اميدوار جي حق ۾ جوڙ توڙ لاءِ سياسي شخصيتن سان رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا *** 10

ٽين زال دانيا شاهه جي ضمانت بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي. آهي جڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت ۾ دانيا شاهه جي امڙ وڪيل سميت پيش ٿي. ڌرين دليل ڏنا دانيا شاهه جي امڙ جي وڪيل لياقت گبول دليل ڏنا ته دانيا شاهه بيگناهه هن وقت جيل ۾ آهي. ضمانت منظور ڪئي وڃي عدالت دانيا شاهه جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي 22 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا *** 11

علائقي ۾ واقع اسماعيل شهيد ڊسپينسري جو افتتاح ڀرين ڊسمبر 1992ع تي ڪيو ويو پر حڪومت جي لاپرواهي ۽ لاپرواهي سبب جلد ئي منشيات فروشن جي پناهه گاهه ۾ تبديل ٿي وئي. ذريعن موجب ڊسپينسري جو عملو، ٻئي ڊاڪٽر ۽ ٻيا ميڊيڪل اسٽاف صرف پنهنجي روزاني حاضري جي نشاندهي لاءِ موجود هوندا. صحت جي سهولت ۾ صرف هڪ ڪمرو استعمال لائق هو ۽ اهو پڻ صرف سرڪاري دستاويزن تي مشتمل هو. ڊسپينسري تباهيءَ جي ور چڙهيل آهي ڇاڪاڻ ته ان جي عمارت جون پٽيون به منشيات فروشن پاران تباهه ڪيون ويون آهن. جيڪڏهن ڪير جرئت سان اندر داخل ٿئي ها ته هڪ ناقابل برداشت بدبو انهن کي سلام ڪندي. مهيني جي شروعات ۾، سهولت جي خراب حالت کي اجاگر ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي منشيات فروشن کي مرڪز مان نيڪالي ڏني. منشيات فروشن جي مزاحمت باوجود پوليس عمارت تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

بقايا *** 12

تي عام موڪل جو اعلان ڪيو آهي. جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف سنڌ ۾ مسيحي برادري جي سرڪاري ملازمن لاءِ 26 ڊسمبر تي موڪل جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 13

کي موڪليل نوٽيس ۾ او جي ڊي سي ايل چيو آهي ته ڪمپني 26 جون تي ڪان وي جي کوٽائي لاءِ ڊرلنگ جو ڪم شروع ڪيو. جنهن لاءِ 3400 ميٽر کوٽائي ڪئي وئي. ڊرل اسٽيم ٽيسٽ جي نتيجن موجب، کوهه روزانو 2,000 بيرل تيل ۽ 1.30 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس پيداوار ڏيندو. بيان ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته او جي ڊي سي ايل جو کوهه ۾ آپريٽر طور 100 سيڪڙو اسٽيڪ آهي. ياد رهي ته هلندڙ سال جي ابتدا ۾ ٽنڊو الله يار ۾ تيل ۽ گئس جا ذخيرا مليا هئا. او جي ڊي سي ايل 50 سالن کان ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جي ڳولا جو ڪم ڪري رهي آهي.

بقايا *** 14

رکي آهي. هي شرمناڪ عمل اتر پرديش جي بي جي پي اڳواڻ منوهول بنسل ڪيو آهي.

بقايا *** 15

آپريشن دوران سمورا 6 دهشتگرد مارجي ويا آهن. ان کان اڳ خيبرپختونخواهه حڪومت جي ترجمان بئرسٽر محمد علي سيف جو چوڻ هو ته بنون ڪنٽونمينٽ ۾ شدت پسندن سان ڳالهيون جاري آهن ۽ حڪومت ڪوشش ڪري رهي آهي ته جوابدار هٿيار ڦٽا ڪن ۽ پاڻ کي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي حوالي ڪن. دهشتگردن سان ڳالهيون ناڪام ٿيڻ بعد سيڪيورٽي فورسز

طرفان آپريشن ڪيو ويو آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز جا 3 اهلڪار به زخمي ٿي پيا. سي ٽي ڊي ڪمپائونڊ اندر موجود يرغمال ماڻهن سمورن ماڻهن کي آزاد ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. دهشتگردن آچر ڏينهن سي ٽي ڊي ڪمپائونڊ تي حملو ڪري اهلڪارن کي يرغمال بڻايو هو جنهن بعد سيڪيورٽي فورسز آپريشن شروع ڪيو هو

بقايا *** 16

ڇڏي آهي ته سندس مبينا ڌيءُ ٽيريان کي دستاويزن ۾ ظاهر نه ڪيو وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عامر فاروق عمران خان جي نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران عمران خان جو وڪيل سلمان اڪرم راجا ايڊووڪيٽ ۽ اليڪشن ڪميشن جو وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا. عمران خان جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته عمران خان جي مبينا ڌيءُ ٽيريان ڪيس جو فيصلو ٿي چڪو آهي. چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته توهان ان حوالي سان لکت ۾ جواب جمع ڪرايو. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته اهو معاملو اسان وٽ اڳ به ڪيترائي ڀيرا اچي چڪو آهي ۽ درخواستون رد ڪيون ويون آهن. عدالت ٻنهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد عمران خان جي وڪيل کي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 19 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 17

طالبان اختيارين سان ڳالهه ٻولهه جاري آهي. طالبان پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگرد تنظيمن کي روڪين ۽ پاڪستان سميت خطي ۾ ٻين ملڪن خلاف دهشتگرد سرگرمين جي اجازت نه ڏين. هن چيو ته افغان سرڪار ۾ سمورن نسلي گروپن جي شموليت ضروري آهي. پاڪستان ۾ ٻوڏ جي تباهڪارين تي ڳالهائيندي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل چيو ته پاڪستان جي حمايت لاءِ عالمي برادري کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون. پاڪستان ۾ ڏٺو منهنجي پنهنجي ملڪ کان ٽي ڀيرا وڌيڪ علائقو ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏل آهي. اتي ٻوڏ سبب فصل، ڍور، گهرن کي جاني ۽ مالي نقصان رسيو آهي تنهنڪري عالمي برادري جي بنيادي ذميواري آهي ته هو پاڪستان جي مدد ڪن. انتونيو گوتريس وڌيڪ چيو ته ماحولياتي تبديلين ۾ پاڪستان جو ڪردار تمام گهٽ آهي، عالمي برادري نوَ جنوري تي پئرس ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي حمايت ڪري.

بقايا *** 18

جي ممڪنه ٽوڙڻ خلاف درخواست داخل ڪئي وئي آهي. جسٽس شاهد ڪريم وڪيل جو جواب ٻڌو ۽ چيو ته پنجاب اسيمبلي جي ممڪنه ٽوڙڻ ۾ اوهان جو ڪهڙو مسئلو آهي؟ وڪيل جواب ڏنو ته درخواستگذار اها درخواست عوامي مفاد ۾ داخل ڪئي آهي. جسٽس شاهد ڪريم چيو ته اهڙيون غير ضروري درخواستون داخل ڪري عدالت جو وقت ضايع ڪيو وڃي ٿو. عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته توهان درخواست واپس وٺو. ٻي صورت ۾ عدالت توهان تي وڏو ڏنڊ لاڳو ڪندي. فيصلو ٻڌڻ بعد درخواستگذار درخواست واپس وٺي ڇڏي.

بقايا *** 19

دوران دڪاندارن مزاحمت ڪئي ۽ ايف آءِ اي عملدارن سميت ميڊيا ٽيمن جي نمائندن کي به قيد ڪرڻ جا اطلاع آهن واپارين ايف آءِ اي جي ڪارروائي خلاف شاهراهه اقبال تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي ايف آءِ اي موجب مني ايڪسچينج سينٽر مان هڪ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رقم هٿ آئي آهي

بقايا *** 20

کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊون شيڊول موجب 31 ڊسمبر تي ٿينديون اهو فيصلو آئين جي آرٽيڪل 218 جي ذيلي شق 219.3 ۽ 222 جي تحت ڪيو ويو آهي. رپورٽن موجب فيصلي تي چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ٽن ميمبرن جون صحيحون پڻ موجود آهن.

بقايا *** 21

بحالي جي ٽن منصوبن. جڏهن ته ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت وڌيڪ ٻن منصوبن جي منظوري ڏني آهي. جاتايل منظوري ورلڊ بئنڪ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي اجلاس ۾ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي مالي مدد لاءِ ڏني وئي. عالمي بئنڪ موجب سنڌ ۾ ٻوڏ سان وڌ نقصان پهتو. ٻوڏ متاثر علائقن جي متاثرن جي مدد لاءِ 5 منصوبن لاءِ فنڊ ملندا.

بقايا *** 22

تيز ٿي ويا آهن. ب پ جي ذريعن موجب چوڌري شجاعت حسين سان ملاقات کان پوءِ ب پ کي ڪجهه آسرو مليو آهي جنهن کان پوءِ اپوزيشن طرفان پنجاب جي وڏ وزارت ب پ کي ملڻ جو امڪان آهي. ب پ جي ذريعن ٻڌايو آهي ته اتفاق راءِ جي صورت ۾ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جا اميدوار (ن) ليگ جا هوندا. ذريعن موجب آصف علي زرداري لاهور ۾ پيپلز پارٽي کي وڏ وزارت ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي هن پنهنجي اميدوار جي حق ۾ جوڙ توڙ لاءِ سياسي شخصيتن سان رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن

بقايا *** 23

اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي سامهون استعيفيٰ ڏيڻ جي تصديق ڪندو جنهن جي لاءِ پي ٽي آءِ ميمبرن 22 ڊسمبر تي ڪي پي هائوس اسلام آباد ۾ گڏ ٿيندا. ذريعن موجب اسيمبلي ميمبر امڪاني طور تي شاهه محمود قريشي جي سربراهي ۾ پارليامينٽ ۾ ايندا ۽ ان جي ئي قيادت ۾ اسپيڪر جي سامهون پيش ٿيندا. ياد رهي ته قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف ۽ پي ٽي آءِ سينيٽر شبلي فراز طرفان استعيفائون منظور ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي.

بقايا *** 24

اسڪولن جي مرمت لاءِ 139 ارب رپيا گهربل آهن. نصاب ۾ سڌارا آڻي نوان سبجيڪٽس متعارف ڪيا آهن سردار شاهه سنڌ اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب دوران چيو ته تاريخ ۾ پهريون ڀيرو استادن جي ڀرتي ميرٽ تي ٿي آهي. اڃا به 18 تعلقا اهڙا آهن، جتي سيٽون موجود آهن. پر اميدوارن ناهن هن چيو ته ايندڙ مهيني 18 تعلقن ۾ استادن جي ڀرتين لاءِ ٻيهر ٽيسٽ ورتي ويندي. سنڌ ۾ بند ٿيل 6 هزار 4 سئو 67 اسڪولن مان 4 هزار 4 سئو 16 اسڪول کوليا آهن. خواجا سرائن جي اسڪولن ۾ داخلا لاءِ ٽرانس جينڊر پاليسي جوڙي پئي وڃي

بقايا *** 25

اهو پي ٽي آءِ جو ڪارنامو آهي. موجوده حڪومت صحت ڪارڊ جي فنڊنگ نه پئي ڪري. جنهن سان مسئلا جنم وٺي رهيا آهن.

بقايا *** 26

ڪئي. هن اظهر مسعود جي والد سان تعزيت جو اظهار ڪندي اظهر جي مغفرت ۽ درجات جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. جنازي نماز ۾ اسيمبلي ميمبر ابوبڪر به موجود هو. جنازي نماز بعد سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري ڪورنگي پوليس اسٽيشن نمبر 4 عوامي ڪالوني پهچي ويو. ايس پي وجاهت حسين، ايس ڊي پي او لانڍي ارشاد حسين لغاري ۽ ايس ايڇ او جمال لغاري سنڌ جي گورنر کي ڪيس ۾ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو. ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن عوامي ڪالوني سنڌ جي گورنر کي يقين ڏياريو ته 3 کان 4 ڏينهن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو. اميد ته ڪيس جلد گرفتار ڪري اوهان جي آڏو پيش ڪيو ويندو. سنڌ جي گورنر چيو ته جيڪڏهن مقرر وقت اندر واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته هو وڏي وزير کي ڪارروائي جي درخواست ڪندو.

بقايا *** 27

جو اظهار ڪندي چيو ته شهرن جي گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر جون شڪايتون 100 سيڪڙو درست آهن. شهرين کي گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر جي شڪايتن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ان مسئلي جو ڪو مستقل حل چونه ٿو ملي. جڏهن ته گهريلو ۽ صنعتي صارفين کي گئس جي باقاعده فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. ملاقات ۾ ايم ڊي پنهنجي رڪاوٽن جي وضاحت ڪئي. جنهن کي سنڌ جي گورنر رد ڪري ڇڏيو ۽ سوئي سدرن کي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته ان حوالي سان وفاقي وزير مصدق ملڪ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين سان به ڳالهه ٻولهه ڪندس.

بقايا *** 28

موجب اڄ في تولي سون جي قيمت ۾ 3 هزار 900 رپيا واڌ ٿي. جنهن ڪانپوءِ ان جي قيمت هڪ لک 78 هزار 800 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 3 هزار 344 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 53 هزار 292 رپين جو ٿي ويو آهي. جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 12 ڊالر واڌ سان 1808 ڊالر في اونس آهي.

بقايا *** 29

ڪرڻ گهرجي. عالمي مهانگائي ۽ معاشي بحران سبب وڌيڪ سخت فيصلا نٿا ڪري سگهن. پاڪستان موقف اختيار ڪيو آهي ته پاڪستان نوان ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ڪانسواءِ رونيو وڌائي سگهي ٿو ۽ هلندڙ سال جي آخر تائين ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو گهٽ

ڪندو ذريعن موجب فيڊرل بورڊ آف رونيو (ايف بي آر) ٽيڪس چورن کان وصولي کي بهتر بڻائڻ جو منصوبو به پيش ڪيو آهي. جنهن تحت پاڪستان ٽيڪس وصولي کي بهتر بڻائي 7100 ارب رپين جو هدف حاصل ڪندو.

بقايا *** 30

جوڙي وئي آهي جنهن ۾ سيڪريٽري پاور، دفاع واري وزير سميت 10 ٻيا وزير به شامل آهن. بچاءَ واري وزير ٻڌايو ته سرڪاري ادارن ۾ 20 سيڪڙو ماڻهو گهرويٺي ڪم ڪندا ته 58 ارب رپين جي بچت ٿيندي. پريس ڪانفرنس ڪندي بچاءَ واري وزير چيو ته شادي هالن جو وقت رات 10 وڳي تائين هوندو جڏهن ته هوٽلون ۽ مارڪيٽون رات 9 وڳي بند ڪيون وينديون. اهڙن قدمن سان 62 ارب رپين جي بچت ٿيندي. پراڻا پکا 120 کان 130 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن جڏهن ته نوان پکا تقريبن 40 کان 60 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن. ان پکن جي استعمال سان 15 ارب رپين جي بچت ٿي سگهي ٿي. هن چيو ته ايل اي ڊي بلب جي استعمال سان 23 ارب رپين جي بچت ٿيندي. گهرن ۾ پکا ۽ ايئرڪنڊيشنڊ جي استعمال ۾ بچت سان 8 کان 9 هزار ميگاواٽ بجلي بچائي سگهجي ٿي. گيس فراهم ڪندڙ ڪمپنيون گيزر جي لاءِ بچت جا اوزار ڏينديون جنهن سان 92 ارب رپين جي ساليانو بچت ٿيندي. خواجه آصف چيو ته متبادل اسٽريٽ لائٽس ٻارڻ سان 4 ارب رپين جي بچت ٿيندي اي بائيڪس متعارف ڪرائي پئي وڃي. محدود وقت اندر اهي موٽرسائيڪلون مارڪيٽ ۾ اچي وينديون. امپورٽ شروع ٿي چڪي آهي. موٽر سائيڪل ڪمپنين سان ان حوالي سان ڳالهيون جاري آهن. اي بائيڪس اچڻ سان 86 ارب رپين جي بچت ٿيندي. هن چيو ته اهڙن قدمن جي لاءِ عوامي آگاهي مهم به هلائي ويندي. وفاقي وزير وڌيڪ ٻڌايو ته ڪابينه جي فيصلن تي چئني صوبن کي پيروسي ۾ ورتو ويندو خميس تائين پاليسي کي حتمي شڪل ڏني ويندي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته رات 2 وڳي تائين دڪان کولڻ جو رواج سمجهه کان ٻاهر آهي. اسان کي توانائي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجون عادتون تبديل ڪرڻيون پونديون. اسان رات جو شاپنگ ڪلچر برداشت نٿا ڪري سگهون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان واحد ملڪ آهي جتي رات دير تائين مارڪيٽون کليل هونديون آهن. صبح جو اسان وٽ 12 کان 1 وڳي تائين مارڪيٽون کلنديون آهن اسان ڏينهن جي روشني مان وڌ کان وڌ فائدو کڻڻ چاهيون ٿا. ملڪ هن وقت سنگين معاشي پريشانين جو شڪار آهي اسان وٽ ان کان علاوه ٻيو ڪوبه آپشن نه آهي. ان موقعي تي قمرالزمان ڪائره چيو ته ملڪ هن وقت مشڪل حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. حڪومت قدم کڻي رهي آهي. عمران خان روزاني ملڪي معيشت تي حملو ڪندو آهي. هو ڊيفالٽ جون ڳالهيون ڪندو آهي، اهڙو ڪجهه نه ٿيندو. اسان عوام جي تڪليف کي نظر ۾ رکندي فيصلو ڪري رهيا آهيون سمورن اسٽيڪ هولڊرز کان اميد آهي ته تجويزن تي غور ڪندا.

بقايا *** 31

طالبان اختيارين سان ڳالهه ٻولهه جاري آهي. طالبان پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگرد تنظيمن کي روڪين ۽ پاڪستان سميت خطي ۾ ٻين ملڪن خلاف دهشتگرد سرگرمين جي اجازت نه ڏين. هن چيو ته افغان سرڪار ۾ سمورن نسلي گروپن جي شموليت ضروري آهي. پاڪستان ۾ ٻوڏ جي تباهڪارين تي ڳالهائيندي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل چيو ته پاڪستان جي حمايت لاءِ عالمي برادري کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون. پاڪستان ۾ ڏٺو منهنجي پنهنجي ملڪ کان ٽي ڀيرا وڌيڪ علائقو ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏل آهي. اتي ٻوڏ سبب فصل، ڍور، گهرن کي جاني ۽ مالي نقصان رسيو آهي تنهنڪري عالمي برادري جي بنيادي ذميواري آهي ته هو پاڪستان جي مدد ڪن. انتونيو گوتريس وڌيڪ چيو ته ماحولياتي تبديلين ۾ پاڪستان جو ڪردار تمام گهٽ آهي، عالمي برادري نوَ جنوري تي پئرس ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي حمايت ڪري.

بقايا *** 32

جو وڏو وزير اسان جو هوندو. آصف علي زرداري ۽ چوڌري شجاعت وچ ۾ ملاقات دوران وزيراعظم شهباز شريف سان به رابطو ڪيو ويو هو. ذريعن جو چوڻ آهي ته چوڌري شجاعت حسين پنهنجو وزن ب پ جي پاسي رکيو آهي. جنهن کانپوءِ اپوزيشن طرفان وڏ وزارت ب پ کي ڏيڻ

جو امڪان آهي. ب پ ذريعن موجب اتفاق راءِ جي صورت ۾ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جا اميدوار ن ليگ مان هوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته آصف زرداري ب پ کي وڏ وزارت ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي ۽ هن پنهنجي اميدوار جي حق ۾ جوڙ توڙ لاءِ سياسي شخصيتن سان رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا *** 33

بار حڪومت جي خزاني تي پوي ٿو. صوبائي وزير اها ڳالهه ٽرانس ڪراچي جي 22هين بورڊ آف ڊائريڪٽرن جي اجلاس جي صدارت ڪندي چئي. هن چيو ته يونيورسٽي روڊ تي عوام کي سخت ڏکائين کي جو منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. صوبائي وزير ايڊمنسٽريٽر ڪراچي کي چيو ته بي آر ٽي ريڊ لائن جي بس ڊيپو جي تعمير لاءِ زمين جو ڪنٽرول ٽرانس ڪراچي جي حوالي ڪيو وڃي، جنهن تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان بورڊ کي ٻڌايو ته بس ڊيپو جي تعمير لاءِ 10 ايڪڙ زمين مختص ڪري ڇڏي آهي. اڄ ئي ٽرانس ڪراچي زمين جو ڪنٽرول سنڀالي وٺي. اجلاس ۾ 21هين بورڊ جي اجلاس جي منٽس جي منظور پڻ ڏني وئي. اجلاس ۾ بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ تي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ٽرانسپورٽ کاتي جو سيڪريٽري عبدالحليم شيخ، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي زبير چنا، ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان، جسٽس ريٽائرڊ شائق عثماني، رخسانا راهوجو، شمائل سڪندر، سي اي او ٽرانس ڪراچي واصف اجلال، ڪمپني سيڪريٽري اقبال لالاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا *** 34

تيز ٿي ويا آهن. ب پ جي ذريعن موجب چوڌري شجاعت حسين سان ملاقات کان پوءِ ب پ کي ڪجهه آسرو مليو آهي جنهن کان پوءِ اپوزيشن طرفان پنجاب جي وڏ وزارت ب پ کي ملڻ جو امڪان آهي. ب پ جي ذريعن ٻڌايو آهي ته اتفاق راءِ جي صورت ۾ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جا اميدوار (ن) ليگ جا هوندا. ذريعن موجب آصف علي زرداري لاهور ۾ پيپلز پارٽي کي وڏ وزارت ڏيارڻ لاءِ سرگرم آهي هن پنهنجي اميدوار جي حق ۾ جوڙ توڙ لاءِ سياسي شخصيتن سان رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا *** 35

ڪئي. هن اظهر مسعود جي والد سان تعزيت جو اظهار ڪندي اظهر جي مغفرت ۽ درجات جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. جنازي نماز ۾ اسيمبلي ميمبر ابوبڪر به موجود هو. جنازي نماز بعد سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري ڪورنگي پوليس اسٽيشن نمبر 4 عوامي ڪالوني پهچي ويو. ايس پي وجاهت حسين، ايس ڊي پي او لانڍي ارشاد حسين لغاري ۽ ايس ايڇ او جمال لغاري سنڌ جي گورنر کي ڪيس ۾ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو. ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن عوامي ڪالوني سنڌ جي گورنر کي يقين ڏياريو ته 3 کان 4 ڏينهن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو. اميد ته ڪيس جلد گرفتار ڪري اوهان جي آڏو پيش ڪيو ويندو. سنڌ جي گورنر چيو ته جيڪڏهن مقرر وقت اندر واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته هو وڏي وزير کي ڪارروائي جي درخواست ڪندو

بقايا *** 36

جوڙي وئي آهي جنهن ۾ سيڪريٽري پاور، دفاع واري وزير سميت 10 ٻيا وزير به شامل آهن. بچاءَ واري وزير ٻڌايو ته سرڪاري ادارن ۾ 20 سيڪڙو ماڻهو گهرويٺي ڪم ڪندا ته 58 ارب رپين جي بچت ٿيندي. پريس ڪانفرنس ڪندي بچاءَ واري وزير چيو ته شادي هالن جو وقت رات 10 وڳي تائين هوندو جڏهن ته هوٽلون ۽ مارڪيٽون رات 9 وڳي بند ڪيون وينديون. اهڙن قدمن سان 62 ارب رپين جي بچت ٿيندي. پراڻا پکا 120 کان 130 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن جڏهن ته نوان پکا تقريبن 40 کان 60 واٽ بجلي استعمال ڪندا آهن. ان پکن جي استعمال سان 15 ارب رپين جي بچت ٿي سگهي ٿي. هن چيو ته ايل اي ڊي بلب جي استعمال سان 23 ارب رپين جي بچت ٿيندي. گهرن ۾ پکا ۽ ايئرڪنڊيشنڊ جي استعمال ۾ بچت سان 8 کان 9 هزار ميگاواٽ بجلي بچائي سگهجي ٿي. گيس فراهم ڪندڙ ڪمپنيون گيزر جي لاءِ بچت جا اوزار ڏينديون جنهن سان 92 ارب رپين جي ساليانو بچت ٿيندي. خواجه آصف چيو ته متبادل اسٽريٽ لائٽس ٻارڻ سان 4 ارب رپين جي بچت ٿيندي اي بائيڪس متعارف ڪرائي پئي وڃي. محدود وقت اندر اهي موٽرسائيڪلون مارڪيٽ ۾ اچي وينديون. امپورٽ شروع ٿي چڪي آهي. موٽر سائيڪل ڪمپنين سان ان حوالي سان ڳالهيون جاري آهن. اي بائيڪس اچڻ سان 86

ارب رپين جي بچت ٿيندي. هن چيو ته اهڙن قدمن جي لاءِ عوامي آگاهي مهم به هلائي ويندي. وفاقي وزير وڌيڪ ٻڌايو ته ڪابينه جي فيصلن تي چئني صوبن کي پيروسي ۾ ورتو ويندو خميس تائين پاليسي کي حتمي شڪل ڏني ويندي. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته رات 2 وڳي تائين دڪان کولڻ جو رواج سمجهه کان ٻاهر آهي. اسان کي توانائي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجون عادتون تبديل ڪرڻيون پونديون. اسان رات جو شاپنگ ڪلچر برداشت نٿا ڪري سگهون. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان واحد ملڪ آهي جتي رات دير تائين مارڪيٽون کليل هونديون آهن. صبح جو اسان وٽ 12 کان 1 وڳي تائين مارڪيٽون کلنديون آهن اسان ڏينهن جي روشني مان وڌ کان وڌ فائدو کڻڻ چاهيون ٿا. ملڪ هن وقت سنگين معاشي پريشانين جو شڪار آهي اسان وٽ ان کان علاوه ٻيو ڪوبه آپشن نه آهي. ان موقعي تي قمرالزمان ڪائره چيو ته ملڪ هن وقت مشڪل حالتن کي منهن ڏئي رهيو آهي. حڪومت قدم کڻي رهي آهي. عمران خان روزاني ملڪي معيشت تي حملو ڪندو آهي. هو ڊيفالٽ جون ڳالهيون ڪندو آهي، اهڙو ڪجهه نه ٿيندو. اسان عوام جي تڪليف کي نظر ۾ رکندي فيصلو ڪري رهيا آهيون سمورن اسٽيڪ هولڊرز کان اميد آهي ته تجويزن تي غور ڪندا.

بقايا *** 37

هن چري ماڻهو کي روڪيو وڃي. گهرو وزير چيو ته پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر جو اجلاس نه گهرائڻ بابت موقف غلط آهي ۽ اهو آئين جي خلاف آهي. گورنر اسيمبلي جو اجلاس گهرائي سگهي ٿو پرويز الاهي کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن پرويز الاهي سياڻي اعتماد جو ووٽ نٿو وٺي ته پوءِ گورنر نئين وڏي وزير جي چونڊ جو اعلان ڪري سگهي ٿو (ن) ليگ اڳواڻ چيو ته جيڪڏهن اربع جي شام 4 وڳي پنجاب اسيمبلي جو اجلاس نه ٿيو ۽ پنجاب جي وڏي وزير اعتماد جو ووٽ نه ورتو ته اهو وڏو وزير نه رهندو. ٻئي طرف پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر چيو آهي ته پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اسان ختم نه پر ملتوي ڪيو آهي. هلندڙ اجلاس ۾ پنجاب جي گورنر کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو نٿا چئي سگهون.

بقايا *** 38

ڪئي. هن اظهر مسعود جي والد سان تعزيت جو اظهار ڪندي اظهر جي مغفرت ۽ درجات جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. جنازي نماز ۾ اسيمبلي ميمبر ابوبڪر به موجود هو. جنازي نماز بعد سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري ڪورنگي پوليس اسٽيشن نمبر 4 عوامي ڪالوني پهچي ويو. ايس پي وجاهت حسين، ايس ڊي پي او لانڍي ارشاد حسين لغاري ۽ ايس ايڇ او جمال لغاري سنڌ جي گورنر کي ڪيس ۾ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو. ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن عوامي ڪالوني سنڌ جي گورنر کي يقين ڏياريو ته 3 کان 4 ڏينهن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو. اميد ته ڪيس جلد گرفتار ڪري اوهان جي آڏو پيش ڪيو ويندو. سنڌ جي گورنر چيو ته جيڪڏهن مقرر وقت اندر واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو ته هو وڏي وزير کي ڪارروائي جي درخواست ڪندو.

بقايا *** 39

ڇڏي آهي ته سندس مبينا ڌيءُ ٽيريان کي دستاويزن ۾ ظاهر نه ڪيو وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عامر فاروق عمران خان جي نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران عمران خان جو وڪيل سلمان اڪرم راجا ايڊووڪيٽ ۽ اليڪشن ڪميشن جو وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا. عمران خان جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته عمران خان جي مبينا ڌيءُ ٽيريان ڪيس جو فيصلو ٿي چڪو آهي. چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته توهان ان حوالي سان لکت ۾ جواب جمع ڪرايو. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته اهو معاملو اسان وٽ اڳ به ڪيترائي ڀيرا اچي چڪو آهي ۽ درخواستون رد ڪيون ويون آهن. عدالت ٻنهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد عمران خان جي وڪيل کي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 19 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 40

بحالي جي ٽن منصوبن. جڏهن ته ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت وڌيڪ ٻن منصوبن جي منظوري ڏني آهي. جاتايل منظوري ورلڊ بئنڪ جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جي اجلاس ۾ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي مالي مدد لاءِ ڏني وئي. عالمي بئنڪ موجب سنڌ ۾ ٻوڏ سان وڌ نقصان پهتو. ٻوڏ متاثر علائقن جي متاثرن جي مدد لاءِ 5 منصوبن لاءِ فنڊ ملندا.

بقايا سنڌيار 01

ڪندي شروعات خصوصي ٻارن لاءِ قائم ڪيل اسڪول مورڙو مرڪز جي ٻارن کي مختلف گيمن ۾ شموليت ڪرائي وئي جنهن جي حوصلا افضائي لاءِ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي خصوصي ٻارن سان ڪيمپ ۾ اچي ملاقات ڪئي ۽ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام جي ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪيو ان کان علاوه ڊي سي سجاول امتياز علي ابڙو، شوشل پروٽيڪشن آفيسر سجاول سائين خدا بخش ٻهراڻي، ايڊووڪيٽ ذيشان علي خواجه پڻ خصوصي ٻارن جي قائم ڪيل ڪيمپ ۾ موجود هئا. ان موقعي تي نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام سجاول جي ضلعي آفيسر سائين نعيم احمد جوڻيجو ۽ سي بي او ذاڪر حسين راڄپر سڀني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ اين پي جي پي پروگرام بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني ۽ ٻارن کي تحفا پيش ڪيا.

بقايا سنڌيار 02

پڙهڻ تي مجبور آهن ڪيترا دفعا احتجاج ڪيا آهن ۽ وسوارن کي درخواستون ڏنيون آهن پر عمارت نه ٺهي سگهي آهي ڳوٺاڻن ۽ ٻارڙن جو احتجاج خبر موجب 20 سال پراڻو گورنمينٽ پرائمري اسڪول صاحب ڏنو راڄڙي جي عمارت اڄ تائين نه ٺهي سگهي آهي 100 ٻار کليل آسمان هيٺ تعليم پڙهڻ تي مجبور آهن ۽ 200 ٻار عمارت نه هجڻ ڪري تعليم کان محروم آهن سنڌ نيوز جي ٽيم اسڪول تي پهچي جائزو ورتو ڳوٺاڻن چيو ته اسڪول جي عمارت فرنيچر جي کوٽ پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ بجلي جي مسئلن تي ڪافي ڀيرا وسوارن کي درخواستون ڏنيون ۽ احتجاج ڪيا آهن پراج تائين عمارت ملي نه سگهي آهي هي ڇپرو به اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ٺهرايو آهي تعليم کاتي کي عرض ڪريون ٿا ته اسان جي ڳوٺ جي اسڪول جي عمارت جلد ڏني وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 03

تي سکر ۾ فوتگي کان پوءِ واپس خانگڙھ اچي رهيا هئا ته پنهنجي برادري جي هٿيار بندن سنگرار ٿاڻي جي حد فقيرا آباد وٽان اغوا ڪري ويا آهن حد جي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پر پوليس مغوين کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي هنن چيو ته مغوي [illegible] آهي ته مغوين کي بازياب ڪرايو وڃي [illegible] قتل ٿي ويندا

بقايا سنڌيار 04

آهي متاثر عورت ظميران ميهر پنهنجي مڙس سان گڏ ڏاهيندي چيو ته گذريل [illegible]

بقايا سنڌيار 05

سنڌ بلوچستان ۽ اسلاميون 3000 کان وڌيڪ رائيس ملون ڪم ڪري رهيون آهن جن ۾ 5 لک کان وڌيڪ ماڻهن روزگار ڪن ٿا. هن وقت ملڪ [illegible]

بقايا سنڌيار 06

تفصيل موجب بدين شهر ۽ وڏندڙ حد [illegible]

ڏنڊ لڳايو ويو دڪانن جون وڌيل سيڙهيون سليب پڻ ٽوڙڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا ڪوسڪي روڊ تي پڻ خلاف ورزيون ڪندڙ دڪاندارن تي ڏنڊ لڳايا ويا روڊن تي غير ضروري جاين تي بيٺل رڪشا سوزوڪي پڪ اپ تي پڻ ڏنڊ هنيو ويو اي سي بدين ماجد الطاف صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته حددخلين جي خلاف هلندڙ سلسلي کي مسلسل جاري رکيو ويندو ته جيئن مين روڊ صاف رهن ٽريفڪ جو معاملو بهتر رهي سگهي هن واپارين کي اپيل ڪئي ته هو رضاڪارانه طور تي حد دخلين کي ختم ڪن جيڪو سامان دڪان جي ٻاهر رکن ٿا اهي دڪان جي اندر رکن ته جيئن ٽريفڪ متاثر نه ٿي سگهي ٻي صورت ۾ خلاف ورزي ڪندڙ دڪاندارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 07

مضبوط تحريڪ جو آغاز 23 ڊسمبر تي ڪنڊڪوٽ کان ڪريون پيا جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيندا ۽ شهيد تعليم عاشق جوڻيجو جي ورسي تقريب به ملهائڻ جو علان ڪيو ويو. آغا فهد خان. تفصيل موجب: قومي عوامي تحريڪ شڪارپور ضلعي ڪائونسل جو اجلاس ايڊووڪيٽ آغا فهد خان جي صدارت ۾ عوامي هاؤس تي ٿي گذريو جتي ايڊووڪيٽ زاهد پنهور، زاهد گهلو، امداد سومرو، شاهنواز ابڙو، ظهير جوڻيجو ۽ نهال خان پنهور اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو ته شڪارپور بدامنيءَ جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي شهر جا ايندڙ ويندڙ رستا ڌوهارين جي حوالي ٿيل آهن شهري خوف واري فضا ۾ گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن موجوده ايس ايس پي شڪارپور فيضان تي بي اعتمادي جو اظهار ڪيون ٿا شڪارپور ضلعي آندر ڪو بااختيار ايس ايس پي مقرر ڪيو وڃي اڳواڻن وڌيڪ ڳالهيندي چيو ته بدامنيءَ ۽ لاقانونيت خلاف مضبوط تحريڪ جو آغاز 23 ڊسمبر تي ڪنڊڪوٽ کان ڪريون پيا جنهن ۾ هزارين ماڻهو اياز لطيف پليجو جي قيادت ۾ شريڪ ٿيندا ۽ ظلم ۽ وڏندڙ بربريت کي للڪار ڪندا اڳواڻن وڌيڪ ڳالهيندي چيو ته قومي عوامي تحريڪ هاڻي پنهنجي شهرن ۽ ڌرتي جي ماڻهن جي حفاظت ڪندي محافظ بڻجي ميدان ۾ نڪرندي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته شهيد تعليم عاشق جوڻيجو جي ورسي تقريب ملهائي ويندي پنهنجي شهيدن کي هر صورت ۾ ياد ڪنداسين ان [illegible]

بقايا سنڌيار 08

زيادتيون شروع ڪيون آهن اسان خاموش رهياسين [illegible]

بقايا سنڌيار 09

نبائين زاهد، رخسانه ۽ احسانه سان گڏ [illegible]

بقايا سنڌيار 10

۾ شيخ برادري جي [illegible]

ڪري ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو وڃي ۽ اسان جي نوجوانن کي آزاد ڪيو وڃي نا انصافي به اسان سان ٿا آهي ۽ گرفتاري به اسان جي نوجوانن جي اهو ڪٿان جو انصاف آهي.

بقايا سنڌيار 11

سيڪريٽري مير عبدالصمد بروهي مرڪزي عهديدارن ميمبرن ۾ عبدالرسول بروهي محمود خان بروهي ظفر بروهي سميت لاڙڪاڻي ڊويزن جي صدر محمد نواز بروهي ضلعي صدر منظور احمد بروهي ڪراچي ڊويزن جي صدر محمدعلي بروهي جنرل سيڪريٽري عارف بروهي انفارميشن سيڪريٽري مير وحيد چاڪر خان بروهي نائب صدر نواز بروهي جي ايم بروهي تاج بروهي حيدرآباد ڊويزن جي صدر عبيدالله بروهي سانگهڙ جي صدر نظير احمد بروهي ٺٽو جي صدر آزاد بروهي ضلع شرقي ڪراچي جي صدر مير عمران بروهي رل سيڪريٽري آصف بروهي ضلعي ملير جي صدر نصير احمد بروهي جنرل سيڪريٽري غلام محمد بروهي ضلع غربي جي صدر مير حسن بروهي جنرل سيڪريٽري طالب بروهي نور حسن بروهي سينٽرل جي صدر شاڪر بروهي ظهير احمد بروهي زاهد بروهي حيدرآباد ضلعي صدر علي اڪبر بروهي ڄامشورو جي صدر محمد حسين بروهي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اعزازي مهمانن ۾ رئيس خدا داد بروهي مير عمران بروهي سردار پير بخش بروهي محمد موسا بروهي جانزيب بروهي سميت ڪيترن ئي قبائلي سياسي سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي اجلاس سنڌ بروهي اتحاد جي اندروني مسئلن ۽ مستقبل جي حوالي سان اهم فيصلا ڪيا ويا جنهن ۾ مستقبل جي لاءِ رجسٽيشن جي عمل کي مڪمل ڪرڻ ميمبر شپ جو عمل شروع ڪرڻ مرڪزي ڪابينا ۾ ٽي ڏينهن لاءِ مهلت ورتي وئي اجلاس ۾ صدر ڪابينا جي مشاورت سان رئيس علي حسن بروهي کي مرڪزي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني شامل ڪري آرگنائيزنگ ڪاميٽي جو انچارج مقرر ڪيو ويو مرڪزي ڪابينا هر ميمبر سميت هر عهديدارن تي آئيني ۽ اخلاق جي پابندي تي زور ڏنو ويو اجلاس جي ميزباني جي طرفان دعوت جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 12

ڊرائيور زخمي نينگر کي سول اسپتال ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو زخمي نينگر کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سول اسپتال مان حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويو. واقعو مخدوم بلاول ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيو.

بقايا سنڌيار 13

پنهور انٽيليجنس بنيادن تي ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪندي پريس ڪلب دڙو جي ٻن صحافين امتياز آڪاش، جاويد ميمڻ ۽ جهوڪ شريف جي صوفي پاڻرن اشتياق احمد ۽ صوفي امداد عباس کان ڪجهه ڏينهن اڳ بلڙي شاهڪريم ٿاڻي جي حد ڳتا مل وٽ ٿيل ڦرجي جوابدارن کي گرفتار ڪندي ڦر ٿيل رقم برآمد ڪري ورتي. جڏهن ته پوليس جي دعوي موجب جوابدارن وٽان وڌيڪ ڌوهه برآمد ڪرڻ لاءِ سندن سڃاڻپ کي خفيه رکي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. بلڙي شاهڪريم پوليس جي ايس ايڇ او الهڏنو پنهور ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو جي حڪم تي جوابدارن وٽان برآمد ٿيل رقم دڙو جي صحافين ۽ جهوڪ شريف جي صوفي پاڻرن حوالي ڪئي. ان موقعي تي پريس ڪلب دڙو جو صدر اعجاز اختر ميمڻ ۽ جنرل سيڪريٽري امداد ميمڻ، جاويد ميمڻ، امتياز آڪاش، صحافي شعيب بڪيرو، سليم جت ۽ ٻيا موجود هئا. جڏهن ته دڙو جي صحافين پاران ڊي آئي جي حيدرآباد سيد پير محمد شاهه ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو جا ٿورا مڃان.!!

بقايا سنڌيار 14

روم ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر اسدالله ڪلهوڙو، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مهدي مالوف، اي ڊي سي 2 سيد عمارحسين شاهه. ڊاڪٽر آصف علي زرداري، ڊاڪٽر غلام علي سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. . ڊاڪٽر لبنا ۽ پوليو ورڪر وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته سڄي صوبي وانگر نوشهروفيروز ضلعي ۾ به پوليو ورڪرز کي نظر ۾ رکندي کين امدادي چيڪ ڏنا پيا وڃن. جيڪو هڪ سٺو قدم آهي. جنهن جي خاتمي لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي. تقريب کي ضلعي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو، ڊاڪٽر آصف علي زرداري ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا سنڌيار 15

کي سيد تمقينه شاهه پاران سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي کين اچڻ تي ڀليڪار ڪيو ان موقعي تي گرنيمينٽ گرلز ماڊل هاءِ اسڪول جي پرنسپال سيد تمقينه شاهه ٻين خطاب ڪندي چيو ثقافت اسان سنڌين جو شان ۽ مان آهي اسان سنڌين هميشه ثقافت ڏهاڙي کي عيد جيئن ملهائيندا آهيون اسان کي سنڌي هجڻ تي تمام گهڻو فخر محسوس ڪندا آهيون اسان ڊي اي او علي احمد راڄپر ۽ حسن ٽرسٽ جي جنرل مينيجر آبدا ڪنڌ جا تمام گهڻا شڪر گذرا آهيون جن پنهنجو قيمتي ٽائيم ڪڍي اسان کي اسڪول ۽ شاگردن جو مان مٿون ڪيو

بقايا سنڌيار 16

واري تقريب ۾ تعليم کاتي جي آفيسرن استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تعليم کاتي جي آفيسرن ۽ استادن چيو ته تعليمي سرگرمين سان گڏ ٻيون اضافي سرگرميون به ڪيون ويون آهن. جو ته اهڙا پروگرام ٿيڻ سان ٻار صحت مند رهن ٿا ۽ هنن جي پڙهائي جو عمل تيزي سان اوسر ڪري ٿو. تقريب ۾ ٽي اي او سيڪنڊري سليم راهمون. ٽي اي او پرائمري ڪنگهار سنگ مهر . ڳسٽا تعلقي ڪلوئي جي صدر نعمت الله نهڙيو. ڳسٽا جنرل سيڪريٽري محب نهڙيو. محمد صديق نهڙيو. يعقوب چانڊيو. شفيق الرحمان نهڙيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي آيل مهمانن کي اسڪول

جي هيڊ ماسٽر عبداللطيف چانڊيو اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ۽ راندين ۾ حصو وٺي ڪاميابي حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي انعام پڻ ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 17

جي آڙ ۾ قديمي قبرستان تي زبردستي مٽي لهرائي اسان جي وڏڙن جون قبرون مسمار ڪري ڇڏيون آهي جن تي غير قانوني طور دوڪان ۽ گهر تعمير ڪرائي رهيو آهي هنن چيو ته ڪورٽ جي آرڊر ۾ واضع لکيل آهي ته قبرستان جي ماپ ڪرائي قبضو خالي ڪيو وڃي پر ان جي باوجود بلڊر ڪا ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته با اثر بلڊر پنهنجا هٿيار بند ويهاري ڇڏيا آهن جيڪي هٿيارن جي زور تي اسان کي حراسان ڪري رهيا آهن هنن ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪندي چيو ته با اثر بلڊر خلاف ڪارروائي ڪري قبرستان تان قبضو خالي ڪرائي ڏنو وڃي.S13

بقايا سنڌيار 18

مڪمل جانچ پڙتال ڪرڻ کانپوءِ پوءِ شناختي ڪارڊ جاري ڪيون ٿا هُن وڌيڪ چيو ته اسين شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ ايندڙ ان فرد جي خاندان جي بائيو ميٽرڪ ويريفڪيشن سميت سڀ پروسيجر مڪمل ڊيتا ڪرڻ کانپوءِ ئي شناختي ڪارڊ جاري ڪري رهيا آهيون, هر شهري جو جائز مسئلي لاءِ سندن آفيس جا در کليل آهن ڪنهن به ماڻهون کي نادرا اسٽاف کان ڪا به شڪايت هجي اهي اچن پنهنجو مسئلو ٻڌائين انهن جا جائز مسئلا ترجيح بنياد تي حل ڪريون پيا حل ڪنديس هن چيو ته قانوني طور ڪم ڪندڙ شهرين لاءِ عزت آهي جوهي نادرا اسٽاف هميشه شهرين جا قانوني ڪم ڪيا آهن هُن چيو ته ٻوڏ واري صورتحال دوران به جوهي نادرا جو سمورو اسٽاف ٻيڙين ذريعي اچي آفيس ۾ شهرين جي خدمت لاءِ ڊيوٽي سرانجام ڏني هاڻي به جوهي تعلقي سميت پوري ڪاڇي جي ڏورانهن علائقن مان هر ايندڙ ماڻهون کي قانوني طريقي سان ڪارڊ جاري ڪيا پيا وڃن باقي ڪجهه شرپسند ڪوڙي سوشل ميڊيا آئيڊين تي غلط پروپيگينڊا ڪري بليڪ ميلنگ ڪري نادرا جي اداري جي ساک کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

بقايا سنڌيار 19

ڪوٽ ايس ايڇ او رڻ ٻاري ڏنو ڪوڙن ڪيسن غريبن ڦاسائي پريشان ڪندي نظر اچي ٿو پر مٿي ليول جي بالا آفيسرن به هن ايس ايڇ او جي خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي ايس ايڇ او خلاف ڪجهه وقت کان غريب پورهيت طبقي جا ماڻهو دانهيندي نظر اچن ٿا ياد رهي ايس ايڇ او تي به ڪنهن سياسي پارٽي جو آشيرواد آهي تڏهن غيرقانوني غريبن تنگ ڪندو رهي ٿو پر هن آفيسر خلاف به ڪارروائي نه ٿي سگهي اهڙي طرح ڪجهه ڏينهن ميگهواڙ پاڙي مان چوري جو گاٽ لڳو اهو چوري رائمل ميگهواڙ جي گهر مان ٿي هئي جنهن جا جوبدار پوليس پڪڙڻ ۾ نڪام وئي جنهن لاءِ چوري ڀهري ڪتا گهريا ويا جنهن تي مالڪ پاران احتمات نه ڪيو ويو انهي کانپوءِ پوليس جي ڪوشش بعد جوابدار پڪڙيا ويا جنهن کان ڪجهه چاندي زيور مالڪ تائين پهچايا ويا پيو سامان نه مليو جنهن لاءِ اڄ رائمل ميگهواڙ احتجاج دانهون ڪندي نظر اچي ٿو ياد رهي انهيءَ کانپوءِ اقبال بجير کي فيصلي لاءِ گهرائي ڪنهن بااثر شخص جي چوڻ تي منشيات جي ڪوڙي ڪيس چلان ڪري ڇڏيو اهو پولس لاءِ ڪا نئين ڳالهه ناهي اهڙي طرح مختلف ڪيسن ۾ غريبن کي ڦاسائي پريشان ڪندي رهي ٿي پوليس جي بالا آفيسرن وٽ دانهڻ باوجود غريبن کي انصاف ناهي ملندو ڪجهه وقت اڳ مال پڙي مان مليل جيب ڪاترو کي پوليس گرفتار ڪري منشيات جي ڪيس چالان ڪري ورتو هو اهڙي طرح مختلف ڪيسن جا جوابدار گرفتار ڪرڻ کانپوءِ انهن کي منشيات جي ڪوڙن ڪيسن چالان ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 20

سميت پوري دنيا ڀهر مان ادبي شخصيتن کي ادبي خدمتن عيوض ايوارڊ ڏنا ويندا صوبي سنڌ مان لطيف ايوارڊ لاءِ اعجاز ممنائي، نذير سومرو، بيوس بخش علي چانڊيو اور صوفي امتياز ٻلال کي ايوارڊ لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي هن چيو ته تقريب جو آغاز صبح 10 بجي ٿيندو جنهن جو مهمان خاص چيئرمين ادبيات اڪيڊمي ڊاڪٽر محمد يوسف هوندو جڏهن ته خصوصي شرڪت سابق وزيراعظم راجه پرويز اشرف ڪندا ان کان سواءِ بين الاقوامي اسلامڪ ونورسٽي جو اڳواڻ ڊاڪٽر ارشد معراج اعزازي مهمان هوندو هن چيو ته هن پروگرام ۾ چار نشستون ٿينديو جنهن ۾ تربيتي ورڪشاپ، تقريرون، ايوارڊ تقريب ۽ صدارتي خطاب ٿيندو

بقايا سنڌيار 21

۽ ثقافت کاتي جي ڊي جي منور علي مهيسر چيو ته سنڌ ڌرتي امن ۽ پيار جي ڌرتي آهن صوفي فقيرن جو پيغام به انسانيت سان محبت جو پيغام آهي فقير هادي غمگسار جو پيغام به انسانيت سان محبت جو پيغام آهي سنڌ ڌرتي پيار امن واري ڌرتي آهي هي مل ملاکڙا ميلا ثقافت جو حصو آهن اسان جي سنڌ هزارين سال پراڻي ثقافت واري ڌرتي آهي هن نفسا نفسي جي دور ۾ صوفي ميلا محبتن جو پيغام پهچائن ٿا. ان کان اڳ مهندي جي رسم ادا ڪئي وئي جڏهن ته ملاکڙي جا مقابلا پڻ ٿيا جنهن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي مشهور ملهه پهلوانن وڏي انگ ۾ حصو ورتو جن ۾ بجلي شيدي، علي نواز ميتلو، محمد صديق بگٽي ۽ ٻين ملهه پهلوانن ملهون ماري خوب داد حاصل ڪيو ان موقعي تي اوقاف کاتي سنڌ جي سيڪريٽري منور علي مهيسر، ناليواري قانوندان ايڊوڪيٽ شفقت علي مهيسر، بشير احمد مهيسر جستم جي مرڪزي اڳواڻ امجد خان مهيسر، ڳسٽا اڳواڻ مقصود مهيسر، پروفيسر ڪاشف علي مهيسر، فدا حسين، ڊاڪٽر علي حسن مهيسر ۽ ٻين پاران ملهه پهلوانن کي انعا ڏنا هوڏانهن عرس جي 2 رات راڳ جي محفل پڻ ٿي جنهن ۾ سنڌ جي مشهور فنڪارن عبد الغفور

سومرو، شريف عباسي، ريشما پروين، فرزانه بهار، نغمه ناز، شاهينه بختاور، راڄهن پٽي، رياض ميتلو، مزاحيه فنڪار بشارت سمون، غلام نبي پنڊ، وحيد پيرزادو ۽ ٻين فنڪارن ڪلام ڳائي پريور داد حاصل ڪيو عرس جي تقريبن ۾، خادم ڪلهوڙو، پروفيسر حسن شيخ، اياز علي مهيسر ، خالد حسين، اسرار علي مهيسر، اخلاق حيسن مهيسر ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

آمريڪا ۽ يورپ جي ترقي ۾ عورتن جو اهم ڪردار آهي. پاڪستان ۾ سمورين حڪومتون عورتن کي حق ڏيڻ ۾ ناڪام رهيون آهن جناح جي پاڪستان ۾ عورتن ۽ اقليتن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ لازمي آهي. عورتن کي صرف احترام ئي نه پر ان سان گڏ تعليم ، صحت ۽ روزگار جو پڻ حق ڏنو وڃي پاڪستان ۽ سنڌ ۾ عورتون سخت ظلمن کي منهن ڏئي رهيون آهن. سنڌ ۾ ڏينهون ڏينهن عورتن جي حوالي سان حالت بدتر ٿيندي پئي وڃي، دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ عورت پنهنجي منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. عالمي جمهوريت پسند قوتون پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. آمريڪا کي سنڌ سميت پاڪستان ۾ بنيادي انساني حقن جي پڇڪڙين تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سنڌ قديمي تهذيب، تمدن ۽ رواداري جي تاريخ رکندڙ ڌرتي آهي. پاڪستان دهشتگردي خلاف عالمي جنگ ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. انهن قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي. پاڪستان جي خودمختياري جو قدر ڪيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڪستان گهڻ قومي ملڪ آهي. ان ۾ شامل سمورين ايڪائين کي برابري جي بنياد تي حق ملڻ گهرجن. ملڪ ۾ بار بار حڪومتن ۾ ايندڙ ڊڪٽيٽر ۽ ڪرپٽ حڪمرانن عوام کي بدحال ۽ وسيلن جي ڦرلٽ ڪئي آهي. اسان وٽ قدرتي نعمتن باوجود ڪروڙين ماڻهو بک. بدحالي ۽ بيروزگاري جو شڪار آهن. پيپلز پارٽي حڪومت سنڌ ۾ صحت. تعليم سميت سموري انفراسٽرڪچر کي تباهه ڪيو آهي. هر کاتي ۾ ڪرپشن آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته يو ايس ايڊ جي پليٽ فارم تي ٿيندڙ عوامي پلاڻي جي ڪمن جي ساراهه ڪيون ٿا. سنڌ ۾ هٽرادو ٻوڏ سبب وڏي تباهي آئي پر متاثرين بي يارو مددگار آهن. رليف جي نالي ۾ وڏي لٽ مار ڪئي وئي آهي. بحالي لاءِ ڪجهه به ناهي ڪيو ويو. سنڌ ۾ بک بيروزگاري ۽ غربت سبب عوام جي حالت انتهائي خراب آهي. عالمي ادارن پاران ٿيندڙ ٻوڏ متاثرين جي امداد ڪئي ٿي وڃي ان جي صحيح ورهاست لاءِ آڊٽ ڪئي وڃي. آمريڪي نمائيندي جيسي جيٽن قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي پيش ڪيل سنڌ جي ڪيس جي ساراهه ڪئي ۽ اخلاقي مدد ۽ سهڪار جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي اياز لطيف پليجي آمريڪي نمائيندي کي سنڌ جي سوکڙي لونگي ۽ اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو. ان موقعي تي سنڌياڻي تحريڪ جي صدر زينت سمون. نصرت خاصخيلي. صبا سمون. ساحر پليجو. سرباز پليجو. الطاف خاصخيلي پڻ آمريڪي نمائندي جيسي جيٽن. سندس زال فيني ۽ محمود ڏاهري کي اجرڪ اوڍائي. ملاقات دوران مسز جيسي جيٽن فيني. محمود ڏاهري. مزمل آخوند. ڊاڪٽر گلزار جماڻي. ڊاڪٽر مجدد قريشي. الطاف خاصخيلي. سنڌياڻي تحريڪ جي صدر زينت سمون. نصرت خاصخيلي ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا سنڌيار 23

ميل ڪندڙ عطائي ماسٽر قلندر بخش ڪوڪر خلاف سنڌ پريس ڪلب جي صحافين پاران سنڌ پريس ڪلب اڳيان سخت نعري بازي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو خبر موجب سنڌ پريس ڪلب نوشهروفيروز صدر راڻا عبدالجبار راجپوت جي اڳواڻي ۾ سموري ٽيم جنرل سيڪريٽري اياز علي آرائين نائب صدر ثناءالله عباسي انفارميشن سيڪريٽري عبدالاحد ميمڻ آفيس سيڪريٽري اياز مستوئي ايگزيڪوٽو ڪاميٽي چيئرمين معشوق علي ڪورائي ۽ ٻين پاران نوجوان صحافي محمد عادل عباسي کي حق سچ لکڻ تي ملندڙ ڌمڪين ۽ سوشل ميڊيا تي هلندڙ غلط پوسٽن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيئيو ته اسين نوجوان صحافي محمد عادل عباسي سان هر قدم تي گڏ آهيون ان کي اڪيلو نه سمجهو وڃي اگر عطائي ماسٽر خلاف قانوني ڪاروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 24

جي حد ۾ موٽروي روڊ تي ويسٽ ايريا وٽ گذريل رات دير سان 15 کان وڌيڪ نامعلوم هٿيار بندن پنجاب جي علائقي خانيوال کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ. اي سي ايل. 2030 ۽ ڊيرا غازي خان کان ڪراچي ويندڙ فيصل مورو مسافر ڪوچ. جي. سي 9878.کي هٿيارن جي زور تي روڪي ڪوچ جا شيشا ٽوڙي اندر داخل ٿي مسافرن کان روڪ رقم موبائيل فون عورتن کان سونا زيور سميت لکين رپين جو قيمتي سامان ڦرڪري ويا. موٽر وي پوليس پهچڻ کان پوءِ هٿيار بند فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا آهن. اهڙي واقعي جو دبر ۽ سانگي ٿاڻن تي اطلاع ملڻ کان پوءِ پنهي ٿاڻن جي پوليس حد جي تصديق ڪرڻ کان پوءِ. روهڙي جي دبر ٿاڻي تي خانيوال جي رهواسي لياقت علي پٽ محرم علي جٽ جي فرياد تي 15 کان وڌيڪ نامعلوم هٿيار بندن تي ڪيس داخل ڪري ۽ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب پوليس دبر جي مختلف علائقن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته آخري اطلاعن تائين پوليس ڪا به گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي.

بقايا سنڌيار 25

جي ايم معمارزون اديب ,عديل ۽ اسدالله شيخ احتجاج مظاهرو ڪندڙ سان مزاڪرات ڪري هڪ هفتي اندر گئس جو مسئلو حل ڪرڻ بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو علائقي واسين طرفان

مزاڪرات ڪندڙ عبدالستار ٻرفت اميدوار چيئرمين يوسي 4محمدارشدااميدواريوسي 3 علي باباپنهور ميمبرپبلڪ ايڊڪميٽي سهراب ڳوٺ ٽائون عارف بروهي يوسي4 وارڊ 1 جو ڪونسلر جو اميدوارنبي بخش برفت غلام سرورپنهورهدايت الله ٽنيوقربان علي سولنگي اسحاق پائي ڪارڪن جماعت اسلامي معززين سهراب ڳوٺ عبدالستاربرفت فيصل جميل ناظم سهراب ڳوٺ ٽائون اميدواريوسي 3سهراب ڳوٺ ٽائون محمدارشد ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 26

جو ضلعي اڳواڻ حسين درس. نياز چانڊيو ۽ پورو ڪولهي جي اڳواڻي ۾ باگو واهه پل کان ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ضلعي بدين جي يونين ڪائونسلن جون نادرا واريون آئيون يونين ڪائونسلن جي سيڪريٽرين جي ڪرپشن ۽ نااهلي جي ڪري ڪيتري وقت کان نادر جون آئيڊيون بند پيون آهن جنهن ڪري عوام پئدائشي توڙي فوتي سرٽيفڪيٽ نه ٺهڻ جي ڪري عوام کي شناختي ڪارڊ. ب فارم ٺهرائڻ سميت ڪيترائي ڪم رولڙي جو شڪار آهن. جنهن ڪري پري پري ٻهراڙين کان ايندڙ ماڻهو آفيسن جا چڪر ڪاٽي دربدر ٿي رهيا آهن. هنن ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته ضلعي بدين جي يونين ڪائونسلن جون نادرا واريون بند پيل آئيڊيون جلد بحال ڪري عوام کي دربدر ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 27

ميمڻ ڊاڪٽر ڪامل ميمڻ ڊاڪٽر شهزاد ملاح ڊاڪٽر محمد نواز عباسي محمد حنيف خاصخيلي مبارڪ ميراڻي ۽ روينيو اسٽاف سميت معزز شهرين سماجي ۽ سياسي شخصيتن سندس والد جي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو ۽ الله تعالي کان مغفرت جي دعا گهري وئي.

بقايا سنڌيار 28

سنگت جي اڳواڻ استاد امانت وسطڙو ايس يو پي جي ضلعي صدر رضا ٻهڻ سماجي اڳواڻ خالد حسين تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سائين حشو ڪيولراماڻي جنهن پنهنجي ذات. فڪر. فهم وسيلي. سنڌ جي لئہ لکيو. هن کي سنڌ مان زوري هندستان موڪليو ويو. هن اتي جي سرڪار وٽ عهدي وٺڻ کان انڪار ڪندي، پنهنجي وطن لئہ اتي به ڪم جاري رکيو حشمت راءِ عرف حشو ڪيولراماڻي سنڌ جي جديد قومي تحريڪ جي بانين مان هڪ 20 هين صدي سنڌ جو وڏو ماڻهو سندس وڏائيءَ جو ان کان وڏو ٻيو دليل ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ته سائين جي ايم سيد کيس پنهنجو استاد سڏي ۽ شيخ اياز جيڪو ڪنهن کي به پاڻ جهڙو نه سمجهندو هئو کيس کي ٻيرين پٽي مليو سائين جي ايم سيد ۽ شيخ اياز پڻ پنهنجو استاد مڃيندا هئا ۽ عزت ڏيندا هئا هن شخص ٻريا جهڙي قديمي شهر ۾ ديوان ڪوڙو مل جي اڪيڊمي ۾ ناٽڪ منڊلين جو بنياد وڌو ته ان وقت اها علمي درسگاهه جنهن سڄي سنڌ کي شعور ڏنو پئي ته نياڻيون پڙهايو ڌرتي بچايو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته حشو سنڌ ڌرتي سان ايتري ته محبت ڪندو جو هن شخص انديا ۾ ويهي ڪري سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجي ملڻ واري ڏينهن تي اسيمبلي ٻاهران سنڌ جي شهر شڪارپور مان ملائي گهرائي ورهائي سنڌي ٻولي جو درجو ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جڏهن ته هن قومي سوچ رکندڙ شخص جيل ۽ سختيون پڻ ڪاٽيون پر جهڪيو نه جڏهن ته تقريب ۾ صحافي ايم ايم عباسي سنڌي ادبي شاخ ٺاروشاهه جي اڳواڻ قادر بخش سولنگي اختيار علي سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪري 3 پائونڊن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽي تصويرن مٿان گل نشاور ڪري لفظن جي ٻيتا پيش ڪئي .

بقايا سنڌيار 29

تي ڳالهائيندي چيو ته مان علائقي جي خدمت ڪرڻ لاءِ آيو آهيان بنا ڪنهن رنگ نسل بنا ڪنهن ذات پات جي ترجيع ڏيڻ منهنجي اصولن ۾ شامل آهي علائقن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي سيوريج سسٽم کي نئين سري تعميرات جاري آهي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ اسڪيمون ملير آهن جنهن جو ترقياتي ڪم جاري آهن انهن ڪمن جي نگراني پاڻ ڪري رهيا آهيون ڊسٽرڪٽ ڪونسل جي ٽيم پنهنجي محنت سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن عوام کي رليف ڏيئي انهن کي بهترين طريقي سان سهولت ڏني پيئي وڃي اهڙن خيالن جو اظهار پنهنجي آفيس ۾ ڪيو ان سان گڏ ايڊمسٽريٽر نور حسن جوکيو هاشم جوکيو ڳوٺ ۾ هلندڙ روڊ جي ترقياتي ڪم جو جائزو ورتو روڊ تي ڪارپيٽ جو هلندڙ ڪم جو وزٽ ڪندي آفيسرن ۽ ٺيڪيدار کي هدايت ڪئي وئي ته ڪم کي جلد پورو ڪيو وڃي ڪوتائي برداشت نه ڪئي ويندي ان موقعي تي چيف آفيسر اياز حميدالله بلوچ انجنيئر مظهر شاهه ايڪسين اشفاق ٻرڙو فدا حسين جوکيو کي بي جوکيو ۽ ٻيا علائقي جا معزز پڻ موجود هيا.

بقايا سنڌيار 30

تائين مورو کان رانيپور سيڪشن کي 31 ارب روپين جي لاڳت سان ٺاهيو ويندو. چيئرمين اي ايڇ اي جي عدالت کي آگاهي ڏنيندي ٻڌايو ته هالا کان سڪرنڊ تائين چائنا جي تعاون سان روڊ جي تعميرات وارو ڪم شروع ڪيو ويندو عدالت چيئرمين اين ايڇ اي کي ٻن مهينن اندر اڳڀرائي رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو چيئرمين اين ايڇ اي عدالت کي استدعا ڪئي ته سنڌ حڪومت کان موٽروي جي زمين جو قبضو ڏيارپو وڃي نيشنل هاءِ وي اٿارٽي موٽروي جي زمين لاءِ رقم مڪمل ادا ڪري ڇڏي آهي. رقم ۾ ڪرپشن ڊپٽي ڪمشنرز ۽ ٻين عملدارن ڪئي آهي اين ايڇ اي کي زمين ڏياري وڃي. زمين ملڻ ۾ تاخير سان موٽروي جو ڪم متاثر ٿي سگهي ٿو. جنهن بعد عدالت ايندڙ تائين ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا سنڌيار 31

طالب حسين ميمڻ ٽيڪنيڪل ٽيم ۽ ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪري حبيب ڪوٽ روڊ لڳ پير جمال شاهه وٽان ۽ ٻين هنڌن تي مختلف ڪاروايون ڪري 30 لک انعام يافتا آغا بدرالدين ولد حبيب الله ڏاهاٽي , 20 لک انعام يافتا هزارو خان ولد محمد علي ڏاهاٽي , 10 لک انعام يافتا علي محمد ولد علي گل ڏاهاٽي ۽ 5 لک انعام يافتا امداد ولد علي مراد ڏاهاٽي سميت 8 اشتهارين کي گرفتار ڪري ورتو آهي . ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي ٻاران لاجواب ڪاروائي ۽ شاندار ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي سموري ٽيم کي شاباس ۽ سي سي ٽرڊ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي شڪارپور جو چوڻ آهي ته شڪارپور پوليس انتهائي بهادر آهي ۽ اجوڪو ڪارنامو پڻ تاريخ ۾ ياد ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 32

گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار بلاول/ بلو سولنگي جي قبضي مان 03 پيڪٽ گٽڪا هٿ ڪرڻ بعد ڦل ٿاڻي تي مين پڙي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. گرفتار جوابدار دلبر مهر جي قبضي مان 440 ساشي گٽڪا هٿ ڪرڻ بعد مورو ٿاڻي تي مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. گرفتار جوابدار ڪامران علي ملڪ جي قبضي مان 220 ساشي گٽڪا هٿ ڪرڻ بعد هالاڻي ٿاڻي تي مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو.منياڻي ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي منشيات فروش کي چرس سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار جعفر علي شاهه جي قبضي مان 110 گرام چرس هٿ ڪرڻ بعد نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويومحرابپور پوليس ڪارروائي ڪري منشيات فروش کي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار صدام حسين راجپوت جي قبضي مان 08 بوتلون ويسڪي شراب هٿ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. ٻئي طرف محرابپور پوليس گشت دوران ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار محمد اڪرم ڪمبوه ۽ مدثر آرائين محرابپور ٿاڻي کي بدفعلي جي ڪيس ۾ گهربل هئا.

بقايا سنڌيار 33

شيخ. حاجي خان بگٽي. اڳوٽو سپروائيزر نياز موريجو. پ ٽ آلف جو مرڪزي اڳواڻ مختيار احمد سولنگي. ضلعي صدر خير محمد سومرو. اختر ڦلپوٽو. ثناء الله مگٽهار. سيد حفيظ الله شاهه هئا. ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته محمد يوسف بگٽي هڪ بهترين انسان دوست شخصيت آهي هو بهترين استاد. بهترين ايڊمنسٽريٽر رهيو آهي اڄ هن کي الوداعي پارٽي ۾ اچي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. هنن چيو ته استاد ڪڏهن به رٽائرڊ ناهي ٿيندو چو ته استاد هڪ ادارو هوندو آهي. هنن چيو ته محمد يوسف بگٽي هڪ بهادر ايڊمنسٽريٽر رهيو آهي. هنن چيو ته محمد يوسف بگٽي تعليم کاتي ۾ نوان لڙاپيدا ڪيا. جديد دور بهترين تعليم ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. محمد يوسف بگٽي پرائمري استاد. ايڇ ايس ٽي. سپروائيزر ۽ تعلقه آفيسر رهي پاڻ مجرائي آهي. محمد يوسف بگٽي جي مان ٿيل الوداعي پارٽي ۾ آفيسرن. استادن. شاگردن وڏي ۾ شرڪت ڪئي ثابت ڪيو ته محمد يوسف بگٽي جو سڀني سان پيار ڪيو. جنهن کي اسان ڪڏهن به وساري نه سگهنداسين هو جتي هجي رب پاڪ کيس هميشه خوش رکي آمين ثم آمين. ان موقعي تي محفل جي موڙ محمد يوسف بگٽي خطاب ڪندي چيو ته مان 5سال خيرپور ۾ تعليمي ايمرجنسي دوران ايڊمنسٽريٽر رهيس پر ڪڏهن به ڪنهن کي تڪليف نه ڏني هميشه استادن ۽شاگردن سان پيار ڪيو. جنهن ڪري منهنجي پروگرام ۾ تمام گهڻن ماڻهن شرڪت ڪئي هنن مون کي هميشه لاءِ پاڻ وٽ گروي رکيو آهي. جتي هوندس اوهان جي خدمت ڪندو رهندس. ان موقعي تي يوسي ڳجو جي فوڪل پرسن ۽ پروگرم جي ميزبان استاد غمنار علي ڪٽوهر اجرڪ. ٽوپي. سنڌي پٽڪو. يوسڪي جو وڳو ۽ شيلڊ پيش ڪئي. بعد ۾ محمد يوسف بگٽي استاد غمنار علي ڪٽوهر ۽ يوسي ڳجو جي استادن کي شيلڊ پيش ڪئي. پروگرام جي اسٽاف ڪوارٽر اسڪول جي هيڊ ماسٽر استاد امام بخش ڪيمتيو ۽ استاد فيروز علي ٺوهاٽي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض انجام ڏنا. ان موقعي تي مختلف اسڪولن جي ٻارن جي شاگردن جي ٽيبولز پيش ڪيا. پروقار تقريب ۾ محمد رفيق بگٽي. محمد شريف بگٽي..لياقت علي خاصخيلي سميت سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي..

بقايا سنڌيار 34

کي مقرر ڪرڻ لاءِ مبينا فون ڪرڻ تي سوگهو ڪيو ويو تعليم کاتي جي سنڌ سيڪريٽريٽ جي عملدارن کي پرنسپال جي بدلي جي لاءِ مبينا فون ڪرڻ جي جانچ ۾ نوجوان کي ٿاڻي تي طلب ڪيو ويو ٿاڻي تي موجود احسان ميمڻ ٻڌايو ت هن ڪنهن به فون ۽ بدلي واري ڳالهه نه ڪئي آهي ڪيس ڪابه خبر ناهي نه ئي ڪيس گرفتار ڪيو ويو آهي هو ٿاڻي تي گهمڻ آيو آهي هوڏانهن مانجهند پوليس به تفصيل ڏيڻ کان لنوائڻ لڳي ذريعن موجب نوجوان جي فون ٽريس ڪرڻ کان پوءِ ڪيس حراست ۾ وٺي مانجهند ٿاڻي تي ويهاريو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 35

ڪوٽ ايس ايڇ او رڻ ٻاري ڏنو ڪوڙن ڪيسن غريبن ڦاسائي پريشان ڪندي نظر اچي ٿو پر مٿي ليول جي بالا آفيسرن به هن ايس ايڇ او جي خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي ايس ايڇ او خلاف ڪجهه وقت کان غريب پورهيت طبقي جا ماڻهو دانهيندي نظر اچن ٿا ياد رهي ايس ايڇ او تي به ڪنهن سياسي پارٽي جو آشيرواد آهي تڏهن غيرقانوني غريبن تنگ ڪندو رهي ٿو پر هن آفيسر خلاف به ڪارروائي نه ٿي سگهي اهڙي طرح ڪجهه ڏينهن ميگهواڙ پاڙي مان چوري جو گاٽ لڳو اهو چوري رائمل ميگهواڙ جي گهر مان ٿي هئي جنهن جا جوبدار پوليس پڪڙڻ ۾ نڪام وئي جنهن لاءِ چوري ڀهري ڪتا گهريا ويا جنهن تي مالڪ پاران احتمات نه ڪيو ويو انهي کانپوءِ پوليس جي ڪوشش بعد جوابدار پڪڙيا ويا جنهن کان ڪجهه چاندي زيور مالڪ تائين پهچايا ويا پيو سامان نه مليو جنهن لاءِ اڄ رائمل ميگهواڙ احتجاج دانهون ڪندي نظر اچي ٿو ياد رهي انهيءَ کانپوءِ اقبال بجير کي فيصلي لاءِ گهرائي ڪنهن بااثر شخص جي چوڻ تي منشيات جي ڪوڙي ڪيس چلان ڪري ڇڏيو اهو پولس لاءِ ڪا نئين ڳالهه ناهي اهڙي طرح مختلف ڪيسن ۾ غريبن کي ڦاسائي پريشان ڪندي رهي ٿي پوليس جي بالا آفيسرن وٽ دانهڻ باوجود غريبن کي انصاف ناهي ملندو ڪجهه وقت اڳ مال پڙي مان مليل جيب ڪاترو کي پوليس گرفتار ڪري منشيات جي ڪيس چالان ڪري ورتو هو اهڙي طرح مختلف ڪيسن جا جوابدار گرفتار ڪرڻ کانپوءِ انهن کي منشيات جي ڪوڙن ڪيسن چالان ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 36

سيڪريٽري مير عبدالصمد بروهي مرڪزي عهديدارن ميمبرن ۾ عبدالرسول بروهي محمود خان بروهي ظفر بروهي سميت لاڙڪاڻي ڊويزن جي صدر محمد نواز بروهي ضلعي صدر منظور احمد بروهي ڪراچي ڊويزن جي صدر محمدعلي بروهي جنرل سيڪريٽري عارف بروهي انفارميشن سيڪريٽري مير وحيد چاڪر خان بروهي نائب صدر نواز بروهي جي ايم بروهي تاج بروهي حيدرآباد ڊويزن جي صدر عبيدالله بروهي سانگهڙ جي صدر نظير احمد بروهي ٺٽو جي صدر آزاد بروهي ضلع شرقي ڪراچي جي صدر مير عمران بروهي رل سيڪريٽري آصف بروهي ضلعي ملير جي صدر نصير احمد بروهي جنرل سيڪريٽري غلام محمد بروهي ضلع غربي جي صدر مير حسن بروهي جنرل سيڪريٽري طالب بروهي نور حسن بروهي سينٽرل جي صدر شاڪر بروهي ظهير احمد بروهي زاهد بروهي حيدرآباد ضلعي صدر علي اڪبر بروهي ڄامشورو جي صدر محمد حسين بروهي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اعزازي مهمانن ۾ رئيس خدا داد بروهي مير عمران بروهي سردار پير بخش بروهي محمد موسا بروهي جانزيب بروهي سميت ڪيترن ئي قبائلي سياسي سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي اجلاس سنڌ بروهي اتحاد جي اندروني مسئلن ۽ مستقبل جي حوالي سان اهم فيصلا ڪيا ويا جنهن ۾ مستقبل جي لاءِ رجسٽيشن جي عمل کي مڪمل ڪرڻ ميمبر شپ جو عمل شروع ڪرڻ مرڪزي ڪابينا ۾ ٽي ڏينهن لاءِ مهلت ورتي وئي اجلاس ۾ صدر ڪابينا جي مشاورت سان رئيس علي حسن بروهي کي مرڪزي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني شامل ڪري آرگنائيزنگ ڪاميٽي جو انچارج مقرر ڪيو ويو مرڪزي ڪابينا هر ميمبر سميت هر عهديدارن تي آئيني ۽ اخلاق جي پابندي تي زور ڏنو ويو اجلاس جي ميزباني جي طرفان دعوت جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 37

ميمڻ ڊاڪٽر ڪامل ميمڻ ڊاڪٽر شهزاد ملاح ڊاڪٽر محمد نواز عباسي محمد حنيف خاصخيلي مبارڪ ميراڻي ۽ روينيو اسٽاف سميت معزز شهرين سماجي ۽ سياسي شخصيتن سندس والد جي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو ۽ الله تعالي کان مغفرت جي دعا گهري وئي.

نيشنل ٽيلي ڪميونيڪشن ڪارپوريشن
ريجنل هيڊ ڪوارٽرز (سائوٿ)
ملير هالٽ، ڪراچي

NTC National Telecom

Ministry of Information Technology & Telecom

No. DIR-KHI/T-278/2022-23/ Dated: December 14, 2022

ٽينڊر نوٽيس

نيشنل ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪارپوريشن ساک رکندڙ فرمز/ڪانٽريڪٽرز جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس جو ايڪٽو ٽيڪس پيئر اسٽيٽس ساڻ پي اي سي رجسٽريشن رکندا هجن ۽ وٽن لاڳاپيل تجربو به هجي کان هيٺين ڪمن جي لاءِ مهربند آڇون گهرائجن ٿيون.

- ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبي واسطي يو جي ڪاپر ڪيبل ۽ آپٽيڪل فائبر ڪيبل کي ٽيو اير اي جناح روڊ کان صفورا چورنگي تائين منتقل ڪرڻ

مٿي ڄاڻايل ڪم جا تفصيلي ٽينڊر دستاويز ڊائريڪٽر اين ٽي سي ڪراچي جي آفيس مان ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي ڊائريڪٽر اين ٽي سي ڪراچي جي حق ۾ 09 جنوري 2023 تائين 2000 رپين (ناقابل واپسي) جو پي آرڊر جمع ڪرائڻ تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.

آڇ ڏيندڙ ڊائريڪٽر اين ٽي سي ڪراچي جي حق ۾ آڇ ويليو جو 2 سيڪڙو جي برابر بينڪ ڊرافٽ/پي آرڊر سوئي رقم (قابل واپسي) طور پڻ جمع ڪرائيندا.

آڇون هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ 10 جنوري 2023 تي منجهند جو 11:00 وڳي تائين پهچڻ گهرجن. ساڳيون شيڊيول موجب ساڳئي تاريخ تي منجهند جو 11:30 وڳي فرمن جي بااختيار نمائندن جيڪي موجود رهڻ چاهين جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون.

اين ٽي سي آڇ جي قبوليت کان اڳ ڪنهن به وقت ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.

[حوالو: پي پي آر اي رول 33(1)]

ڊائريڪٽر اين ٽي سي ڪراچي

ٽيليفون: 021_99248833 فيڪس: 021_99248855

PID K No.1754/22